Reg No 2677

ABC Certified

ايڊيٽر: اعجاز مهر

روزاني

سنڌيار

Daily SINDHYAR Karachi

NTN 4129440-8

www.dailysindhyar.com

ڪراچي

جلد: 11 | سوموار 06 فيبروري 2023ع بمطابق 14 رجب المرجب 1444ھ | شمارو: 114 | قيمت 10 روپيا

پارٽ پنهنجي ئي سرزمين تي ڪشميرين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش ڪري رهيو آهي: بلاول

ڪشميرين کي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ٺهرائن موجب حق خود ارادايت ملڻ تائين ڪشمير مسئلو پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي اهم ٿنب رهندو

پاڪستان والاريل ڪشمير ۾ پارٽي ظلمن تي خاموش نه ويهندو، پاڪستاني عوام پنهنجي ڪشميري پائرن ۽ پيئرن جي قربانين کي سلام پيش ڪري ٿو

ستن ڏهاڪن کان پارٽي فوج ڪشميرين تي ظلم ڪري سندس حقن کان محروم ڪيو آهي، پارٽ کي والاريل ماڻري ۾ انساني حقن جو سنگين پڇڙيون ختم ڪرڻيون پونديون

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو چيو هوته ڪشمير مسئلي تي ننڊ ۾ بہ غلطي نٿو ڪري سگهي، شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو ڪشميري عوام سان ٻڌي جي اظهار لاءِ ڏهاڙو ملهائڻ جو فيصلو ڪيو

پارٽ 5 آگسٽ 2019ع جي پنهنجي غيرقانوني ۽ هڪ طرفي فيصلي ذريعي والاريل ڪشمير جي ماڻهن کي دٻائڻ جو نئون باب کولي ڇڏيو آهي: پرڏيهي وزير

پارٽي حڪمرانن چونڊ تڪن جي تازي تڪبندي، غيرڪشميرين کي لڪين ڊومياسائل سرٽيفڪيٽس جاري ڪرڻ سان گڏوگڏ ووٽر لسٽن ۾ لڪين غيرڪشميرين کي شامل ڪيو آهي

ڪراچي (م ڊ) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي تہ جيستائين ڪشميري پارٽي ظلمن جو شڪار آهن پاڪستان ڪڏهن بہ سڪون سان نہ ويهندو ۽ نہ خاموش تماشائي بڻبو بلاول ڀٽو زرداري ڪشميرين سان يڪجهتي ڏيکاري جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو تہ ڪشميرين کي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ٺهرائن موجب حق خود ارادايت ملڻ تائين ڪشمير مسئلو پاڪستان / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

پارٽي ظلم خلاف ڪشميرين جي آزادي لاءِ جدوجهد جي حمايت جي تجديد جو ڏهاڙو آهي: شرجيل ميمڻ

پارٽي تسلط کان آزاديءَ جي جدوجهد ۾ ڪشميري اڪيلا ناهن، اسان سائن گڏ آهيون، ڪشميرين پنهنجي قربانين جي ذريعي ڪشمير مسئلي کي زنده رکيو آهي

مودي سرڪار پارٽي آئين جي آرٽيڪل 370 کي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري والاريل وادي کي دنيا جي سڀ کان وڏي جيل ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي: صوبائي وزير

9 لک پارٽي فوج وادي جي عوام جي زندگي عذاب ڪري ڇڏي آهي، مودي جو اهو هڪ پرائر خواب ۽ ايجنڊا هو، جنهن تي عمل ڪري هن آر ايس ايس ۽ هندوتوا پسندن کي خوش ڪيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سڌسماءُ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ ڪشميرين سان ايڪتا ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي تہ 5 فيبروري پارٽي ظلم ۽ جبر خلاف ڪشميرين جي آزادي لاءِ لازوال جدوجهد جي حمايت جي تجديد جو ڏهاڙو آهي. هن چيو تہ پارٽي تسلط کان آزاديءَ جي جدوجهد ۾ ڪشميري اڪيلا ناهن، اسان سائن گڏ آهيون، ڪشميرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

گجر خان: اڳوڻو وزير اعظم راجا پرويز اشرف تقريب کي خطاب ڪندي

ڪل جماعتي حريت ڪانفرنس جو ڪشمير بڌي ڏهاڙو ملهائڻ تي پاڪستاني حڪومت ۽ عوام جو شڪريو

سرينگر (م ڊ) غيرقانوني طور تي پارٽ جي قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير ۾ ڪل جماعتي حريت ڪانفرنس حق خود ارادايت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪشميرين جي جدوجهد جي حمايت ڪرڻ تي پاڪستان جي حڪومت ۽ عوام جو شڪريو ادا ڪيو آهي ڪشميري ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪشمير جي وادي معصوم مسلمانن جي رت سان رنگيل آهي: وزيراعظم

پوري پاڪستاني قوم پنهنجي ڪشميري پائرن سان سندن جدوجهد ۾ گڏ آهي، پارٽ والاريل ڪشمير کي جيل ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي، والاريل ڪشمير بيگناهہ مسلمانن جي رت سان لال آهي: شهباز شريف

پاڪستاني عوام ۽ حڪومتن هميشہ ڪشميرين جي حمايت ڪئي آهي، سمورين پارٽين جو اتحاد ڏسي پارٽ ضرور پريشان ٿيندو

ڪشمير کي آزادي ڏيارڻي آهي تہ معاشي طاقت بہ ضروري آهي، ان جي صفن ۾ اتحاد ۽ معاشي استحڪام آڻڻو پوندو

ڪشميرين کي حق ڏيڻا آهن تہ پاڪستان کي معاشي طور مضبوط ڪرڻو پوندو، اختلاف وساري سادگي اختيار ڪرڻ ۽ قربانيون ڏيڻ گهرجن

هن وقت ڪيترائي مالي چئلينج آهن، آءِ ايم ايف حساب ڪتاب گهري رهيو آهي، سندس وفد هڪ وقت هڪ شيءِ ڏسي رهيو آهي

ان کان اڳ آزاد ڪشمير جي قانون ساز اسيمبلي جي اجلاس جي موقعي تي وزيراعظم شهباز شريف کي گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو

مظفر آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي تہ والاريل ڪشمير بيگناهہ مسلمانن جي رت سان لال آهي. آزاد ڪشمير جي قانون ساز اسيمبلي کي خطاب ڪندي وزيراعظم چيو تہ پارٽ والاريل ڪشمير کي جيل ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. وزيراعظم چيو تہ پاڪستاني عوام ۽ حڪومتن هميشہ ڪشميرين جي حمايت ڪئي آهي، سمورين پارٽين جو اتحاد ڏسي پارٽ ضرور پريشان ٿيندو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

مظفر آباد: وزيراعظم شهباز شريف تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪشميري بہ سئو ورهين کان آزادي لاءِ تڙپي رهيا آهن: سراج الحق

ڪشمير جي آزادي تائين جدوجهد جاري رکڻ جو عزم اڄ پوري قوم ورجايو، مظلوم ڪشميري قوم بہ سئو سالن کان آزادي لاءِ تڙپي رهي آهي

قابض پارٽي فوج هٿان روزانو سراسري طور تي ڪشميري نوجوان شهيد ٿي رهيا آهن، هن وقت تائين بہ لک ڪشميري شهيد ٿي چڪا آهن

والاريل ڪشمير دنيا جو سڀ کان وڏو قيدخانو آهي، ڪشمير ماڻري ۾ نوٺلڪ کان وڌيڪ پارٽي فو موجود آهي: جماعت اسلامي جو امير

اسلام آباد (م ڊ) جماعت اسلامي جي امير سراج الحق چيو آهي تہ ڊپ ڏئي ٿو تہ هتن حڪمرانن جي هوندي سرينگر ڪانپو، مظفر آباد ۽ گلگت بلتستان بہ نہ هتن مان نڪري وڃن. اسلام آباد ۾ ڪشمير يڪجهتي ڏهاڙي جي تقريب کي خطاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: جماعت اسلامي جو امير سراج الحق پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪشميرن سان اظهار يڪجهتي لاءِ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ريليون

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڪشمرين سان اظهار يڪجهتي جي حوالي سان جوفل حست گورنمنٽ بوائز ۽ گرلز اسڪول نمبر 2 ريس ڪلب ۾ شاگرد ۽ شاگرداڻين ٽيبلون پيش ڪيون ڪشمري پائرن سان اظهار يڪجهتي جي حوالي سان اسڪول جي شاگرن ۽ شاگرداڻين ڪشمرين سان ٽيندڙ ظلم جي حوالي سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

هندستان اقوام متحده ۽ ڪشميري عوام سان ڪيل واعدن جي پاسداري ڪري: سردار عطيق احمد

هندستان والاريل جمون ۽ ڪشمير تي گڏيل قومن جي ٺهرائن تي عمل ڪري ست ڏهاڪن کان پارٽي فوج ڪشميرين تي ظلم ڪيا

اڄ والاريل جمون ۽ ڪشمير دنيا جي سڀني کان وڌيڪ فوجي مقرري وارن علائقن مان هڪ آهي جتي 9 لک کان وڌيڪ قابض پارٽي فوج مقرر

مظفرآباد (م ڊ) آل جمون ۽ ڪشمير مسلم ڪانفرنس جي صدر ۽ اڳوڻي وزيراعظم سردار عطيق احمد خان چيو آهي تہ هندستان 75 سالن کان والاريل ڪشمير تي پنهنجو ناجائز قبضو ڪري ڇڏيو آهي هندستان گڏيل قومن ۽ ڪشميري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

باجوا مجيو تہ عمران خان جهڙو بلنڊ اسان کان ٿيو: مريم نواز

اڳوڻي آرمي چيف جنرل (ر) قمر جاويد باجوا رٽائرڊ ٿيڻ وقت اهو مجيو ۽ ماڻهن کي چيو عمران خان جهڙو بلنڊ اسان کان ٿيو

هاڻي اعتراف ڪافي ناهي مُلڪ ۽ قوم جي نرڙ تي لڳل داغ کي ڌوئڻو پوندو، اڄ ڪشمير سان يڪجهتي جو ڏهاڙو آهي

والاريل ڪشمير جي آزادي لاءِ جدوجهد ڪندڙ، جوانن، مائرن ڌيئرن کي سلام پيش ڪيان ٿي، هڪ ڏينهن ڪشمير پاڪستان بڻبو

ملتان (م ڊ) پاڪستان مسلم ليگ ن جي چيف آرگنائيزر ۽ سينيئر نائب صدر مريم نواز چيو آهي تہ اڳوڻي آرمي چيف جنرل (ر) قمر جاويد باجوا رٽائرڊ ٿيڻ وقت اهو مجيو ۽ ماڻهن کي چيو عمران خان جهڙو بلنڊ اسان کان ٿيو. هاڻي اعتراف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

جماعت اسلامي جي پيهر ڳڻپ جي درخواست تي ڪو اعتراض ناهي: سعيد غني

اسان جي اميدوارن جي پيهر درخواست کي بہ ٻڌو وڃي، اڄ تائين ڪراچي جي ڪنهن بہ يوسي جو ڪو بہ نوٽيفڪيشن جاري ناهي ڪيو ويو

اليڪشن ڪميشن يا رنهن سيٽن تي چونڊون ڪرائڻ چاهي ٿي جنهن ڪانپوءِ ميئر جي چونڊ ٿيندي، اها ڳالهہ درست ناهي

پراهو هڪ اهڙو پينڊورا باڪس هوندو جيڪو اينڊڙ وزيراعظم ۽ وزيراعليٰ جي چونڊن جي لاءِ مشڪلات جو سبب بڻجندو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي ليبر ۽ افرادي قوت واري صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي تہ جماعت اسلامي جي پيهر ڳڻپ جي درخواست تي ڪو اعتراض ناهي پر اسان جو مطالبو آهي تہ اسان جي اميدوارن جي پيهر درخواست کي بہ ٻڌو وڃي. اڄ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪراچي: سنڌ جي ليبر ۽ افرادي قوت وارو صوبائي وزير سعيد غني پريس ڪانفرنس ڪندي

اسلام آباد ۾ پرڏيهي وزارت کان پارليامينٽ جي عمارت تائين خصوصي ايڪتا ڏهاڙو واڪ جو اهتمام ڪيو ويو

اسلام آباد (م ڊ) مظلوم ڪشميري عوام جا حق خودارادايت حاصل ڪرڻ لاءِ سندن منصفاڻي ۽ جائز جدوجهد ۾ انهن سان ٻڌي جو اظهار ڪرڻ لاءِ آچر تي اسلام آباد ۾ پرڏيهي وزارت کان پارليامينٽ جي عمارت تائين خصوصي يوم يڪجهتي واڪ جو اهتمام ڪيو ويو ڪشميري ميڊيا سروس مطابق پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران ڪشمير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

عمران خان کي جيل ۾ هڪ شئي کانسوا هر سهولت ڏيندا سين: رانا ثناءالله

عمران خان جيل ڀريو تحريڪ شروع ڪري، ڪين انهيءَ ئي قيدخانن ۾ رکندا سين، جنهن هن اپوزيشن اڳواڻن کي رکيو هو

پلي جيل ڀريو تحريڪ شروع ڪيو، اوهان جو علاج مان ڪندس، هو پنجويهين مئي تي اسلام آباد بند ڪرڻ اچي رهيا هئا

اوهان سان جيڪو ٿيو اهو اوهان ياد هئڻ گهرجي ۽ جيڪو 26 هين نومبر تي اوهان سان ٿيو اهو بہ نہ وسارڻ گهرجي

ملتان (م ڊ) وفاقي گهرو وزير رانا ثناءالله چيو آهي تہ عمران خان جيل ڀريو تحريڪ شروع ڪري، ڪين انهيءَ ئي قيدخانن ۾ رکندا سين جنهن هن اپوزيشن اڳواڻن کي رکيو هو ملتان ۾ مسلم ليگ جي ڪنونشن کي خطاب ڪندي گهرو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

سنڌ حڪومت خانگي تقريب لاءِ چڙيا گهر جي بندش جو نوٽيس وٺي ڇڏيو

نجم شاهہ ۽ انجي گهرياتين سرڪاري هنڌن تي خانگي تقريبن تي لڳايل پابندي جي خلاف ورزي ڪندي پنهنجي ڌيءَ جي سالگرهہ جي تقريب جو اهتمام ڪيو هو

چڙيا گهر جي انتظامي اداري ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن حقيقتون جاچڻ لاءِ چڙيا گهر جي انتظاميہ کان رپورٽ گهري آهي: سنڌ جو چيف سيڪريٽري

ڪراچي چڙيا گهر ۾ ماڻهن پاران سالگرهہ ملهائڻ معمول جي ڳالهہ اهي پر ان لاءِ عام ماڻهن يا اينڊڙن لاءِ ڪا رنڊڪ نہ وجهڻ گهرجي: ڊاڪٽر سهيل احمد راجپوت

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت 3 فيبروري تي هڪ خانگي تقريب لاءِ هڪ سينيئر سرڪاري اهلڪار جي چوڻ تي ڪراچي جي چڙيا گهر جي نالي سان معروف زوليجيڪل گارڊن کي بند ڪرڻ جو نوٽيس وٺي ڇڏيو ميڊيا رپورٽ مطابق ذريعن ٻڌايو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سوشل ميڊيا تي وائرل ٽيل سي سي ٽي فوٽيج ۾ سپنا بجير کي راهول ميگهواڙ سان گڏ هلندي ڏٺو ويو آهي: صوبائي وزير

آءِ جي سنڌ پوليس صوبائي وزير کي يقين ڏياريو تہ پوليس مبينا طور اغوا ٿيل چوڪري جي جلد بازيابي لاءِ هر ممڪن قدم کڻندي

سپنا بجير جي بازيابي جي لاءِ پوليس جون خصوصي ٽيمون جوڑيون ويون آهن: اقليتي معاملن وارو صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي

ڪراچي (رپورٽر) اقليتي معاملن واري صوبائي وزير گيانچند اسراڻي ميرپورخاص ۾ سپنا بجير جي مبينا اغوا واقعي جو نوٽيس وٺندي آءِ جي سنڌ ڪلاهہ نبي ميمڻ سان فون تي رابطو ڪري ڪيس سپنا بجير جي جلد بازيابي لاءِ قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي آهي. صوبائي وزير چيو تہ سوشل ميڊيا تي وائرل ٽيل سي سي ٽي فوٽيج ۾ سپنا بجير کي راهول ميگهواڙ سان گڏ هلندي ڏٺو ويو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

جنرل (ر) پرويز مشرف 79 سالن جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو

دبئي جي آمريڪن اسپتال ۾ هو داخل هو، ابوظهبي ۾ پاڪستاني سفارتخاني جي ترجمان شازيا سراج سندس وفات جي تصديق ڪئي آهي

پرويز مشرف ڪافي عرصي کان دبئي جي آمريڪي اسپتال ۾ علاج هيٺ هو، هن کي جسر ۾ پرٽين جمع ٿيڻ جي عجيب بيماري هئي

سومر تي پاڪستان مان سي ون ٿرٽي سندس لاش کڻڻ لاءِ ويندڙ فيملي ميمبر بہ گڏ ايندا، سوڳوارن ۾ زال صحبا مشرف، نياڻي عائلا ۽ پٽ بلال ڇڏيو آهي

دبئي (م ڊ) اڳوڻو فوجي صدر جنرل (ر) پرويز مشرف ڊگهو عرصو بيمار رهڻ بعد 79 سالن جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. دبئي جي آمريڪن اسپتال ۾ هو داخل هو ابوظهبي ۾ پاڪستاني سفارتخاني جي ترجمان شازيا سراج سندس وفات جي تصديق ڪئي آهي. پرويز مشرف ڪافي عرصي کان دبئي جي آمريڪي اسپتال ۾ علاج هيٺ هو، هن کي جسر ۾ پرٽين جمع ٿيڻ جي عجيب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

چوڌري شُجاعت ۽ پرويز الاهي طرفان پرويز مشرف جي لاڏاڻي تي ڏُک جو اظهار

لاهور (م ڊ) پرويز مشرف جي لاڏاڻي تي مسلم ليگ ق جي سربراهہ چوڌري شُجاعت حسين ۽ پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير پرويز الاهي افسوس جو اظهار ڪيو آهي. هڪ بيان ۾ چوڌري شجاعت چيو تہ هو پرويز مشرف جي پوئنرن جي ڏُک ۾ برابر جو شريڪ آهي. پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي بہ اڳوڻي صدر جنرل (ر) پرويز مشرف جي وفات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

پرويز مشرف جي لاڏاڻي تي صدر ۽ وزيراعظم پاران افسوس جو اظهار

اسلام آباد (م ڊ) صدر عارف علوي ۽ وزيراعظم شهباز شريف اڳوڻي صدر جنرل (ر) پرويز مشرف جي وفات تي افسوس جو اظهار ڪيو آهي. صدر عارف علوي پرويز مشرف لاءِ مغفرت ۽ مرحوم جي گهرياتين جي لاءِ صبر جميل جي دعا ٻڌ ڪئي. انڪانسواءِ وزيراعظم شهباز شريف پرويز مشرف جي وفات تي تعزيت جو اظهار ڪيو. پنهنجي بيان ۾ وزيراعظم مرحوم جي گهرياتين سان تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو ۽ صبر جميل جي دعا ٻڌ ڪئي.

آرمي چيف جنرل عاصم منير اهم دوري تي برطانيا پهچي ويو

جنرل عاصم منير سيڪيورٽي اسٽريٽجڪ معاملن تي برطانوي اخبارين سان خيالن جي ڏي وٺ ڪندو

جنرل عاصم منير کي برطانيا جي بچاءَ واري وزارت طرفان دوري جي دعوت ڏني وئي هئي: ذريعا

لنڊن (م ڊ) چيف آف آرمي اسٽاف جنرل عاصم منير پنجن ڏينهن جي اهم دوري تي برطانيا پهچي ويو آهي. ميڊيا رپورٽس موجب جنرل عاصم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ملڪ جي سياسي ۽ فوجي قيادت پاران پرويز مشرف جي لاڏاڻي تي ڏُک ۽ تعزيت جو اظهار

صدر عارف علوي پرويز مشرف لاءِ مغفرت ۽ مرحوم جي گهرياتين جي لاءِ صبر جميل جي دعا ٻڌ ڪئي

پنهنجي بيان ۾ وزيراعظم شهباز شريف مرحوم جي گهرياتين سان تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو

اسلام آباد (م ڊ) سياسي ۽ فوجي قيادت پاران اڳوڻي صدر ۽ آرمي چيف جنرل رٽائرڊ پرويز مشرف جي لاڏاڻي ڏُک ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو ويو آهي. صدر عارف علوي ۽ وزيراعظم شهباز شريف اڳوڻي صدر جنرل (ر) پرويز مشرف جي وفات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ملتان: پاڪستان مسلم ليگ ن جي چيف آرگنائيزر مريم نواز پريس ڪانفرنس ڪندي

مغرب جو رويو منافقت، نفاق ۽ تعصب تي ٻڌل آهي: مفتي منيب

مسلمان حڪمران اسلامي مقدسات جي توهين کي روڪڻ لاءِ موثر سفارتي ۽ اقتصادي قدم کڻن

مذهبي مقدسات جي توهين نفرت، ڪاوڙ، جارحيت ۽ عدم تحفظ کي جنم ڏئي ٿي: مشهور اسڪالر

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) مشهور مذهبي اسڪالر مفتي منيب الرحمان جو چوڻ آهي تہ مغرب جو رويو نفاق، نفاق ۽ تعصب تي ٻڌل آهي. هڪ طرفي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي ۾ شهرين بن مبينا قورن کي پڪڙي جيئرو ساڙي ڇڏيو

نارٿ ڪراچي سيڪٽر ايل ون ۾ شهرين بن مبينا قورن کي پڪڙي جيئرو ساڙي ڇڏيو

واقعي جو اطلاع ملندي ي پوليس روانو ٿي ڪئي وئي: ايس ايس پي سينٽرل معرف عثمان

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي نارٿ ڪراچي سيڪٽر ايل ون ۾ شهرين بن مبينا قورن کي پڪڙي جيئرو ساڙي ڇڏيو. ريسڪيو ذريعن موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪشمير ڏيهاڙو، عمران خان ڪشميرين جي ڏُک ۾ ري ويو شيئر ڪري ڇڏي

عمران خان انسٽاگرام تي والاريل جمون ۽ ڪشمير جي حالتن تي ٺاهيل هڪ ريو شيئر ڪئي

لاهور (م ڊ) پي ٽي آئي چيئرمين عمران خان ڪشمير سان ٻڌي جي ڏهاڙي جي موقعي تي ڪشميرين جي هڪ ڏُک ري ويو شيئر ڪئي عمران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي: ايڊمنسٽريٽر بلديہ شرقي سيد شڪيل احمد، چين آفيسرن سان گڏ يوڪجهتي ڪشمير جي حوالي سان بلديہ شرقي جي اسڪولن جي ٻار نڪتل ريلي ۾ شريڪ آهن

جيل ڀريو تحريڪ لاءِ ڀهريان پنهنجي گرفتاري ڏيڻ ضروري آهي: حافظ حمدالله

خانصاحب کي پنهنجي گرفتاري نظر اچڻ لڳي تہ جيل ڀريو جو ڊرامو شروع ڪري ڇڏيو

عمران خان ڪيسن ۾ جواب ڏي جيل پاڻ ئي ڀرجي ويندا: سنڌ سماءَ بابت وفاقي وزير

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان ڊيموڪريٽڪ موومينٽ جي ترجمان حافظ حمدالله چيو آهي تہ جيل ڀريو تحريڪ لاءِ ڀهريان پنهنجي گرفتاري ڏيڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪشمير جنت آهي ۽ ڪافرن لاءِ جنت حرام آهي: مبين احمد جتوئي

پارٽ لڪين قربانين جي باوجود ڪشمير ۾ جاري آزادي جي جدوجهد کي ختم ناهي ڪري سگهيو

دنيا ۾ جيستائين هڪ بہ مسلمان زنده آهي ڪشمير جي آزادي لاءِ آواز اٿاريندي رهندو

سڪو (اسٽاف رپورٽر) پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي جنرل سيڪريٽري مبين احمد جتوئي چيو آهي تہ ڪشمير جنت آهي ۽ ڪافرن لاءِ جنت حرام آهي. پارٽ لڪين قربانين جي باوجود ڪشمير ۾ جاري آزادي جي جدوجهد کي ختم ناهي ڪري سگهيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سنڌ سرڪار ڪينسر جي مريضن جي علاج لاءِ 340 ملين رُپيا منظور ڪيا آهن: وڏو وزير

پيشنٽس ايڊ 1991ع کان جناح اسپتال ۾ غريب مريضن جي خدمت ڪري رهي آهي. نارو پيشنٽس ايڊ جناح اسپتال ۾ سائبر نائف ۽ ٽوموٿراپي جون بہ مشينون لڳايون آهن

سنڌ سرڪار پنهنجين اسپتالن ۾ بنا فرق مفت علاج جون سهولتون مهيا ڪري رهي آهي، سنڌ حڪومت ڪينسر جو علاج مفت ڪري ٿي: سيد مراد علي شاهہ

ڪينسر جي مريضن لاءِ حڪومت تي سئو ڄاڻيہ ملين رُپيا منظور ڪيا، پاڪستان جي 167 شهرن ۽ 15 ملڪن جا مريض جناح اسپتال مان ڪينسر جو مفت علاج ڪرائي چڪا آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جناح پوسٽ گريجوئيٽس ميڊيڪل سينٽر (جي پي ايم سي) ۾ پرائي سائبر نائيف مشين ۽ آوزان کي جديد ترين ٽيڪنالاجي ۾ متائڻ لاءِ پيشنٽ ايڊ فائونڊيشن (پي اي ايف) کي 4.1 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اسلام آباد: ڪشميرين سان يڪجهتي لاءِ ڪڊيل ريلي ۽ جو ڏيک

والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ جي 20 ڪانفرنس ڪرائڻ جي قدم جي ڀرپور مذمت ڪري ٿو: محمد فاروق حيدرخان

آزاد جمون ڪشمير قانون ساز اسيمبلي جو هي غير معمولي اجلاس پارٽ پاران والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ جي-20 ڪانفرنس ڪرائڻ جي قدم جي ڀرپور مذمت ڪري ٿو

سيڪيورٽي ڪائونسل جي ٺهرائن تحت ان جو اجلاس ٽيليفون ٽيليفون آهي هي اجلاس ان ڳالهہ کي ورجائي ٿو تہ والاريل جمون ۽ ڪشمير جي آزادي جي جدوجهد هر صورت ۾ برقرار رکي ويندي

هي اجلاس پارٽ پاران ڪشميري اڳواڻن جي گرفتارين جي مذمت ڪندي دنيا کي اپيل ڪري ٿو تہ والاريل رياست ۾ جاري رهندڙ انساني حقن جي سنگين پڇڙيون جو نوٽيس وٺي

مظفرآباد (م ڊ) قانون ساز اسيمبلي جي خاص اجلاس ۾ اڳوڻي وزيراعظم راجا محمد فاروق حيدرخان ٺهراءَ پيش ڪندي چيو آهي تہ آزاد جمون ڪشمير قانون ساز اسيمبلي جو هي غير معمولي اجلاس پارٽ پاران والاريل جمون ۽ ڪشمير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

عمران خان جيل ڀريو تحريڪ هلائڻ کان اڳ پنهنجي ضمانتن جون درخواستون واپس وٺي: پلوشا خان

پي ٽي آئي وارن کي جيل ۾ روئڻ کان چپ ڪرائڻ لاءِ الڳ عملو پرتي ڪرڻو پوندو، پي ٽي آئي وارا رڳو پن ڏينهن لاءِ جيل ويا هئا

اڄا تائين روئي رهيا آهن، پي ٽي آئي وارا گرفتاريون ڏين ڪين ڪنهن جيل ۾ بند ڪيو ويندو فيصلو رانا ثناءالله ڪندو

عمران خان دروازي تي بہ پوليس اهلڪار ڏسي پٽ ٽپي پڇي ويندو: پاڪستان پيپلزپارٽيجي اڳواڻ سينيٽر پلوشا خان

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان پيپلزپارٽيجي اڳواڻ سينيٽر پلوشا خان عمران خان جي جيل ڀريو تحريڪ هلائڻ تي ردعمل ڏيندي چيو تہ عمران خان جيل ڀريو تحريڪ هلائڻ کان اڳ پنهنجي ضمانتن جون درخواستون واپس وٺي پي ٽي آئي وارن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

قومن کي آزادي جون جنگون پاڻ وڙهڻيون پون ٿيون: چوڌري انورالحاق

هن وقت اسان جو وڪيل مشڪلات جو شڪار آهي، اسان جي ملڪ تي ٻيهر دهشتگردي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

پاڪستان جو سياسي ماحول هن وقت چڪتاڻ جي ورچڙهيل آهي، هٿياربند فوج جي قربانين کي عقيدت جو سلام پيش ڪريان ٿو

جيڪو 2017 پبلڪ سيڪٽر ڊيولپمينٽ پروگرام تحت شروع فنڊز فراهم نہ ٿيڻ جي ڪري رولڙي جو شڪار آهي رڳو

مظفرآباد (م ڊ) ڪشمير ڏهاڙي جي موقعي تي آزاد جمون ۽ ڪشمير قانون ساز اسيمبلي جي خاص اجلاس ۾ ڪشمير ڏهاڙي جي موقعي تي آزاد جمون ۽ ڪشميرءَ اسيمبلي سپيڪر صدر چوڌري انورالحق چيو آهي تہ قومن کي آزادي جون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪشميرين سان يڪجهتي جي ڏهاڙي جي موقعي تي پيپلز چورنگي کان مزار قائد تائين ريلي ڪڍي وئي

ايڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي ايسٽ سيد شڪيل احمد ۽ ڊپٽي ڪمشنر ايسٽ راجا طارق چانڊيو جي سهڪار سان ريلي ڪڍي وئي

ريلي ۾ صوبائي وزير بلديات سنڌ سيد ناصر حسين شاهہ، ڪمشنر ڪراچي اقبال ميمڻ ۽ ٻين اهم شخصيتن شرڪت ڪئي

ڪشمير پاڪستان جو اٽوٽ حصو آهي، هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ ڪشميرين کي خودمختياري جو حق ڏنو وڃي: سيد شڪيل احمد

ڪراچي (رپورٽر) يوم يڪجهتي ڪشمير جي موقعي تي ڪشميرين سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ ايڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي ايسٽ سيد شڪيل احمد ۽ ڊپٽي ڪمشنر ايسٽ راجا طارق چانڊيو جي سهڪار سان پيپلز چورنگي کان مزار قائد تائين مارچ ڪيو ويو اوپر ضلعي جي ماڻهن جي وڏي انگ ڪشميرين سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو صوبائي بلدياتي وزير سنڌ سيد ناصر حسين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

نوشهروفيروز ۾ مظلوم ڪشميري پائرن سان ٻڌي جي اظهار لاءِ ريليون

ڊپٽي ڪمشنر آفيس جي سامهون ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ جي اڳواڻي ۾ گڏجاڻي

سيد عمار حسين، ڊي ايچ او ڊاڪٽر اسدالله ڪلهوڙو، ڊي اي او حزب الله ڪوريجو شريڪ

مطالبو ڪريون ٿا ته پارت پاران ڪشميري مسلمانن تي ظلم فوري طور بند ڪيا وڃن:مظاهرين

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) سڄي ملڪ جيان نوشهروفيروز ۾ به پنهنجي مظلوم ڪشميري پائرن سان ٻڌي جي اظهار لاءِ يوم يڪجهتي ڪشمير ملهايو ويو،ان سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر آفيس جي سامهون ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نوشهروفيروز: ڊي سي شاهزيب شيخ جي اڳواڻي ۾ يوم ڪشمير جي موقعي ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڪراچي ۾ نور احمد ابڙيجو زين ايسوسيئيٽس جي آفيس ۾ اڳواڻن جي گڏجاڻي

ڪراچي (رپورٽ) سابق صدر ڊفليريا نور احمد ابڙيجو زين ايسوسيئيٽس جي آفيس توحيد ڪمرشل ڊفينس ۾ ٽريڪس 45 جي صدر محمد عظيم جي سربراهي ۾ انفارميشن سيڪريٽري طارق حبيب خان جوائنٽ سيڪريٽري شبير لاشاري، فنانس سيڪريٽري اسيد مظهر، مئنيجنگ ڪميٽي ميمبر ملڪ عقيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

واپاري ايسوئيسيشن مني ۽ ٽرايڪشن فورم پاران ڪشميرين سان يڪجهتي ريلي

پ پ ضلعي انفارميشن سيڪريٽري ٽرپارڪر ڪامريڊ نندلال مالهي پاران اڳواڻي ڪئي وئي

سريش لڪواڻي، جئه پرڪاش لوهاڻو، تيرٿ مالهي، امن گوماڻي، هاشم هنگورجو ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

مني(رپورٽ) واپاري ايسوئيسيشن مني ۽ ٽرايڪشن فورم پاران ڪشميري پائرن سان يڪجهتي طور 5 فيبروري جي حوالي سان ٽرايڪشن فورم جي چيئرمين ۽ پ پ ضلعي انفارميشن سيڪريٽري ٽرپارڪر ڪامريڊ نندلال مالهي، واپاري اڳواڻ شاماس لوهاڻو، علي خاصخيلي ۽ سورن سنگهه جي اڳواڻي ۾ ريلي صادق فقير چوڪ ڪان پريس ڪلب مني تائين ڪڍي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

جماعت اصلاح المسلمين ون 2 جي چونڊيل سمورين برانچن جي حلف برداري تقريب

محمد لائق چانڊيو هاءِ اسڪول ۾ خليفه جان محمد چانڊيو جي سرپرستي ۾ تقريب منعقد

مشتاق احمد سومرو صوبائي معاون جنرل سيڪريٽري طارق حسين منگي سميت ٻيا شريڪ

دين اسلام امن پائيچاري سان رهڻ جو سبق ڏئي ٿو پاڙيوارن سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ گهرجي:اڳواڻ

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) جماعت اصلاح المسلمين ضلع نوشهرو فيروز زون 2 جي چونڊيل سمورين برانچن جي حلف برداري تقريب مني‌ائي جي محمد لائق چانڊيو هاءِ اسڪول ۾ خليفه جان محمد چانڊيو جي سرپرستي ۾ منعقد ڪئي وئي حلف برداري تقريب ۾ جماعت اصلاح المسلمين جي مرڪزي معاون جنرل سيڪريٽري خليفه نذير احمد چڻ صوبائي صدر قاضي مشهود احمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نوشهروفيروز: جماعت اصلاح المسلمين جا اڳواڻ حلف برداري تقريب ۾ ريئل آهن

ايس ايچ او گلاب لغاري فياض هرڙو جي اڳواڻي ۾ ڪامياب ڪارروائي

گلاب لغاري (رپورٽ:گلزار لغاري) ايس ايچ او گلاب لغاري فياض هرڙو جي اڳواڻي ۾ ڪامياب ڪاروايي ٽن ضلعن ۾ منشيات هلائيندڙ ڊيلر گرفتار منشيات هٿ: خبر موجب حيدرآباد ۽ ٽنڊوالهيار ضلعن ۾ گهٽڪو مين پڙين جي مختلف هنڌن تي قايم اڈن تان بنهي ضلعن سميت بدين ضلعي جي حدن ۾ منشيات جي سپلائي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ڪنڊڪوٽ يوم ڪشمير تي ڪشميري عوام سان اظهار يڪجهتي لاءِ ريلي

ضلعي انتظاميا پاران ڊي سي منور علي منياڻي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي گشت ڪيو ويو

جماعت اسلامي پاران حافظ نصرالله چنڙ، غلام مصطفيٰ ميراڻي، حافظ شير محمد ميڻڪ شريڪ

پارٽ پاران ڪشميري عوام ۽ ڪشمير جي آزادي لاءِ ظلم جي انتها ڪري چڏي آهي:اڳواڻن جو خطاب

ڪنڊڪوٽ(رپورٽ:غالب بلوچ)سڄي ملڪ جيان ڪنڊڪوٽ ۾ به 5 فيبروري ڪشميري پائرن سان اظهار يڪجهتي ڪرڻ لاءِ يوم يڪجهتي ڪشمير جوش جذبي سان ملهايو ويو انهي تحت ضلعي انتظاميان، مختلف سياسي سماجي تنظيمن ،شهرين ، استادن توڙي شاگردن ، مختلف سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن قومي امن ڪاميٽي پاران وڏي تعداد ۾ ڪشميري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

پ پ ساس جي مرڪزي سڌ تي سنڌي ٻولي ڪي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ احتجاج

سمورن تعليمي ادارن ۾ سنڌي مضمون ڪي لازم پڙهائڻ لاءِ هٿن ۾ بينر کڻي مظاهرو ڪيو ويو

سنڌي ادبي سنگت شاخ وارهه جي سيڪريٽري علي عمران، ضلعي رابطه سيڪريٽري ۽ ٻين جي شرڪت

نظير روڳي، جسم اڳواڻ غفار ميرجت، ايس يو پي اڳواڻ وقار رضا، عوامي تحريڪ اڳواڻ مجيب چانڊيو شريڪ

وارهه (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) وارهه سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي سڌ تي وارهه ۾ سنگت شاخ وارهه طرفان سنڌي ٻولي جو درجو ڏيڻ لاءِ هٿن ۾ بينر کڻي مظاهرو ڪيو ويو. پريس سيڪريٽري علي محمد پٽو کي تعلقه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

وارهه: سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

خانواهڻ پرسان ڳوٺ جاڙو خان رانءَ جو رهواسي پاران صحافين آڏو احتجاجي مظاهرو

خانواهڻ (رپورٽ : عاجز امتياز نوح پوٽو) خانواهڻ پرسان ڳوٺ جاڙو خان رانءَ جو رهواسي عبد الحڪيم رانءَ سيال ۽ ٻيا پريس ڪلب خانواهڻ پهچي صحافين آڏو داهيندي چيو ته ڳوٺ جاڙو رانءَ ۾ اسان جو گهر آهي جنهن ۾ گذريل 60 سالن کان رهائش پزير آهيون حاليا برسات سبب گهر جي ڇڃ ڪرڻ سبب ٻي ڇڃ ۾ وڃي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

اوپر نيشنل پريس ڪلب ڪراچي جي عهديدارن جي چونڊ تي گڏري، ساڃاهه وندن پاران مبارڪون

صدر نظير راڄپر، سينيئر نائب صدر شفقت نوناري، نائب صدر آصف شاهاڻي ۽ ٻيا عهديدار چونڊيا ويا

سيڪريٽري محمد صديق پٽي، خزانچي شهباز راڄپر، پريس سيڪريٽري علي محمد پٽو کي چونڊيو ويو

هميشه مظلوم ماڻهن جو ساٿ ڏيندي سندن آواز کي اعلي ايوانن تائين پهچائڻ جي جستجو ڪئي آهي :اڳواڻ

ڪراچي (رپورٽ:باغي ساگر پنهور) اوپر نيشنل پريس ڪلب ڪراچي جي عهديدارن جي چونڊ تي گڏري جنهن ۾ اتفاق راءِ سان سرپرست اعلي الداڙا شاهاڻي، صدر نظير راڄپر، سينيئر نائب صدر شفقت نوناري، نائب صدر آصف شاهاڻي، جنرل سيڪريٽري ممتاز شيخ، جوائنٽ سيڪريٽري محمد صديق پٽي، خزانچي شهباز راڄپر، پريس سيڪريٽري علي محمد پٽو کي چونڊيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

قومي امن ڪاميٽي ضلع گهوٽڪي طرفان يوم يڪجهتي ڪشمير ريلي

ڪشمير ريلي ڪڍي وئي، هڪ هزار فوٽ پاڪستاني جهنڊو هٿن ۾ کنيو ويو

مودي سرڪار ڪشمير مٿان ظلم جي انتها ڪري رهيو آهي:اڳواڻن جون ڳالهيون

ڪشمير معاملي تي سياسي پارٽين جي خاموشي ڪيترائي سوال اٿاري ٿي: سعد ڪورائي

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موتواڻي) قومي امن ڪاميٽي ضلع گهوٽڪي طرفان يوم يڪجهتي ڪشمير ريلي ڪڍي وئي، هڪ هزار فوٽ پاڪستاني جهنڊو هٿن ۾ کنيو ويو، ''ڪشمير بنيگا پاڪستان جا نعرا'' هنيا ويا مودي سرڪار ڪشمير مٿان ظلم جي انتها ڪري رهيو آهي جيڪا قابل مذمت آهي، پشار سانحي تي انتهائي ڏک ٿيو پاڪستان ۾ هڪ دفعو ٻيهر ضرب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

گهوٽڪي: قومي امن ڪاميٽي طرفان يوم ڪشمير جي موقعي تي ريلي ڪڍي پئي وڃي

سرحد ۾ هوٽل هلائيندڙ پورهيتن جو پوليس اهلڪار جي زيادتين خلاف احتجاج

سرحد(رپورٽ:غلام عباس مهر)سرحد ۾ هوٽل هلائيندڙ پورهيتن جو پوليس اهلڪار جي زيادتين خلاف احتجاج، منتظمي نه ڏيڻ تان اهلڪار مٿان حملي جا الزام، خبرموجب سرحد پرسان ڳوٺ هاسيجا مهر واسين، هوٽل هلائيندڙ پورهيتن زبير مهر، راشد مهر، ۽ منگهن مهر سرحد پريس ڪلب پهچي بااثر جي زيادتين خلاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 40

سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي سڌ تي سنڌي ٻولي قومي ٻولي جاڳرتا مهر جاري

تنڊو محمد خان ۾ ميونسپل ڪميٽي آفيس آڏو علامتي بک هڙتال ڪئي وئي

رابطا سيڪريٽري آغا جان آغا، اعجاز جسڪاڻي، مختيار نظاماڻي ۽ ٻين جي شرڪت

وڏي انگ شرڪت ڪري سنڌي ٻولي ڪي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ سخت نعريبازي ڪئي

تنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي سڌ تي سنڌي ٻولي قومي ٻولي جاڳرتا مهر جي سلسلي ۾ تنڊو محمد خان ۾ ميونسپل ڪميٽي آفيس آڏو علامتي بک هڙتال ڪئي وئي، بک هڙتالي ڪئمپ تي سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي خزانچي اعظم پٽي، ضلعي رابطا سيڪريٽري آغا جان آغا، اعجاز جسڪاڻي، مختيار نظاماڻي، ايس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 41

نٿي ۾ به ڪشميرين سان يڪجهتي جو ڏاڙو وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو

ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر نٿو شاهد نذير بلوچ جي اڳواڻي ۾ ضلعي اندر ريلي ڪڍي وئي

سول سوسائٽي جي ماڻهن کان علاوه مختلف سرڪاري ڪاتن جي آفيسرن ۽ ملازمن شرڪت

نٿو (رپورٽ:جاويد ميمڻ) سڄي ملڪ وانگر نٿي ۾ به ڪشميرين سان يڪجهتي جو ڏاڙو وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو، ان سلسلي ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر نٿو شاهد نذير بلوچ جي اڳواڻي ۾ ضلعي اندر ضلعي اندر ڊپٽي ڪمشنر آفيس آڏر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

بدين ۾ يوم ڪشمير جي حوالي سان ريلي ڪڍي وئي

ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان جي قيادت ۾ ڊي آفيس کان ڊي سي چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي

ڪشمير جي جدوجهد کي سرخ سلام پيش ڪرڻ لاءِ اجوڪر ڏينهن ملهايو پيو وڃي: ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان

بدين(رپورٽ:مرتضي ميمڻ) يوم ڪشمير جي موقعي تي ڪشميرن سان اظهار يڪجهتي ملهائڻ جي لاءِ ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان جي قيادت ۾ ڊي آفيس کان ڊي سي چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ تعليم صحت، پوليس' /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

بدين: يوم ڪشمير جي موقعي تي ريلي ڪڍي پئي وڃي

دادو سوشل فورم سول سوسائٽي دادو پاران وڏندڙ مهانگائي خلاف احتجاج

سوئي گئس جي هٽرادو بحران، ميونسپل ڪاميٽي، روينيو، پبلڪ هيلٿ خلاف ريلي

هٽرادو ريٽ مقرر سميت دادو ضلعي جي سرڪاري ۽ پرائيويٽ ادارن ۾ ڪرپشن خلاف مظاهرو

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو سوشل فورم سول سوسائٽي دادو پاران وڏندڙ مهانگائي ۽ ضلعي جي ادارن ۾ ٽينڊڙ مبينا ڪرڙين رويين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

قرات پبلڪ اسڪول اينڊ ڪاليج نٿي ۾ مظلوم ڪشميري پائرن سان يڪجهتي

اظهار لاءِ 5 فيبروري ڪشمير ڏاڙو ملهايو ويو، ان موقعي تي تقريب ڪرائي وئي

مريم شاهزيب سرايازجماري، مس مهرو شاهه سمورن استادن ۽ شاگردن تقريرون ڪيون

نٿو (رپورٽ:جاويد ميمڻ) قرات پبلڪ اسڪول اينڊ ڪاليج نٿي ۾ مظلوم ڪشميري پائرن سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ 5 فيبروري ڪشمير ڏاڙو ملهايو ويو، ان موقعي تي تقريب ڪرائي وئي، جنهن ۾ ڊائريڪٽر ميڊم شازيه الماس ڪتي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

جماعت اسلامي پاران ڪشميري مجاهدن سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ ريلي

بدين ۾ مسجد اقصيٰ ڪوسڪي روڊ کان بدين پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي

جماعت اسلامي سنڌ جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري عبدالقدوس احمداڻي ۽ ٻيا شريڪ

بدين(رپورٽ:مرتضي ميمڻ) جماعت اسلامي پاران ڪشميري مجاهدن سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ مسجد اقصيٰ ڪوسڪي روڊ کان بدين پريس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

بدين: ڪشميري مجاهدن سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ ريلي ڪڍي پئي وڃي

ضلعي انتظاميه پاران شڪارپور ۾ ڪشميرين سان اظهار يڪجهتي لاءِ ريلي

پريس ڪلب تائين ريلي،ڪشميرين کي حق خودارادڀت جو حق ملڻ گهرجي: اڳواڻ

ريلي ۾ روينيو، صحت ڪاتو، سوشل ويلفيئر، پوليس، لوڪل گورنمينٽ جا عملدار شريڪ ٿيا

شڪارپور (رپورٽ:عبدالخالق سومرو) ضلعي انتظاميه پاران شڪارپور ۾ ڪشميرين سان اظهار يڪجهتي لاءِ جهاز چوڪ کان شڪارپور پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي، ڪشميرين کي حق خودارادڀت جو حق ملڻ گهرجي، هندستان ڪشميرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

غوٿپور ۾ به 5 فيبروري ڪشميري پائرن سان اظهار يڪجهتي ڪرڻ لاءِ ريلي

ڪشميري پائرن سان اظهار يڪجهتي ڪرڻ لاءِ غوٿپور هائير سيڪنڊري اسڪول مان ريلي

استاد محمد اسحاق ادرائي استاد عبدالغفار سومرو استاد عزيزالله مهر استاد برڪت علي شريڪ

غوٿپور(عبدالنبي ملڪ) سڄي ملڪ جيان غوٿپور ۾ به 5 فيبروري ڪشميري پائرن سان اظهار يڪجهتي ڪرڻ لاءِ يوم يڪجهتي ڪشمير جوش جذبي سان ملهايو ويو انهي تحت غوٿپور هائير سيڪنڊري اسڪول جي ،استادن پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

غوٿپور: 5 فيبروري يوم ڪشمير جي موقعي تي ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڳهوٽڪي جي اسڪريپ ڊيلرن حقن جي حفاظت ۽ اتحاد لاءِ يونين بڻائي ورتي

واپارين آل سڪريپ ڊيلرز ويلفيئر سوسائٽي ڳهوٽڪي جي نالي سان تنظيم قائم

صدر حزب الله پتافي ،سينيئر نائب صدر محمد حبيب پٽي، نائب صدرعبدالفتاح چونڊيا ويا

ڳهوٽڪي (رپورٽ لالچند موتواڻي) ڳهوٽڪي جي اسڪريپ ڊيلرن، پنهنجي حقوق جي حفاظت ۽ اتحاد لاءِ يونين بڻائي ورتي، حزب الله پتافي صدر منتخب ٿي ويو، ڪباڙ جو واپار ڪندڙ واپارين آل سڪريپ ڊيلرز ويلفيئر سوسائٽي ڳهوٽڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

بدين ۾ چورين جو آزار ڏينهن جي وقت شهر جي مختلف حصن مان چوريون معمول

بجلي جي ڪوٽ سبب متبادل توانائي خاطر استعمال ٿيندڙ سولر پليٽون چور لاهي ڪٽي ٿا وڃن

چور ماسٽر شوڪت حسين پرڳڙي جي گهر جي ڇت تي لڳل 4 سولر پليٽون لاهي هليا ويا آهن:شهري

بدين(رپورٽ:مرتضي ميمڻ) بدين ۾ چورين جو آزار ڏينهن جي وقت شهر جي مختلف حصن مان موٽرسائيڪلون چوري ٿيڻ روزجو معمول آهي جڏهن ته رات جي وقت سخت سردي سبب نندڙ ستل شهرين جي بجلي جي ڪوٽ سبب متبادل توانائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

ڪوٽ پرسان تعلقي ڪلوئي جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول مان ريلي

اظهار يڪجهتي طور فارم ۾ ڪشميري پائرن سان اظهار يڪجهتي لاءِ ريلي ڪڍي وئي

مودي سرڪار ڪشميري پائرن تي ظلم جي انتها ڪئي آهي، اسان ڪشمرين سان گڏ آهيون:استاد

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ پرسان تعلقي ڪلوئي جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول سنتورو فارم ۾ ڪشميري پائرن سان اظهار يڪجهتي لاءِ ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ شريڪ پارڻ ڪشمير بني گا پاڪستان ۽ ڪشميري پائرن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 39

نئون ڪوٽ: ڪشميري جي موقعي تي منعقد تقريب ۾ شاگرد پارڙا ويٺل آهن

يوم ڪشمير جي حوالي سان تنڊومحمدخان ضلعي انتظاميا پاران ريليون ڪڍيون ويون

ريلي ۾ وڏي انگ ۾ مختلف ڪاتن جي ملازمن ۽ آفيسرن شرڪت ڪئي،پارٽ خلاف نعرا

راجا نثار ميمڻ ، تعلقه ايجوڪيشن آفيسر سيد امجد شاهه ، اسسٽنٽ مختيار ڪار شريڪ

ناجائز قبضو اقوام متحده جي منظور ڪيل ٺهرائڻ جي ڪلي خلاف ورزي آهي: راجا نثار ميمڻ

تنڊومحمدخان (رپورٽ:مظفرعلي بروهي) يوم ڪشمير جي حوالي سان تنڊومحمدخان ضلعي انتظاميا پاران اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس کان پريس ڪلب تائين هڪ ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ وڏي انگ ۾ مختلف ڪاتن جي ملازمن ۽ آفيسرن شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نئون ديرو ۾ 13 رجب المرجب جشنِ مولودِ ڪعبه جي خوشي ۾ روايتي مرڪزي جلوس نڪتو

نئون ديرو(رپورٽ:شاد محمود علي پٺو) نئون ديرو شهر ۾ شيعان حدر ڪرار پاران قسم زماني کان هر سال جيان هن سال به بسلسلا 13 رجب المرجب جشن مولودِ ڪعبه ظهور پر نور آمد مولاءِ ڪائنات عَلي اَميرَ الْمُؤمِنِين عَلَي السَّلام ۞ 12 رجب المرجب بروز عقيدت ۽ احترام سان نئون ديرو شهر ۾ ملهايو ويو ۽ جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

تنڊو محمد خان: يوم ڪشمير جي حوالي سان ريلي ڪڍي پئي وڃي

غوٿپور دراني مهر پوليس ٿاڻي جي ڪارروائي، هرڪجي اغوا ٿيڻ کان بچائي ورتو

تنوير احمد ولد الياس پنجابي کي تترن وٽڻ جي بهاني گهرائي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش

ايس ايچ او دراني مهر مولا بخش بڪٽي ۽ ٽيم ٽيڪنالاجي جي مدد سان ڪارروائي ڪئي

غوٿپور (رپورٽ:عبدالنبي ملڪ) غوٿپور دراني مهر پوليس ٿاڻي جي ڪارروائي / گوجرانوالا جي رهائشي کي هرڪجي اغوا ٿيڻ کان بچائي ورتو پنجاب گوجرانوالا جي رهائشي تنوير احمد ولد الياس پنجابي کي تترن وٽڻ جي بهاني گهرائي اغوا ٿيڻ کان بچائي ورتو پوليس کي اطلاع ملڻ تي ايس ايچ او دراني مهر مولا بخش بڪٽي ۽ سندس ٽيم جديد ٽيڪنالاجي جي مدد سان ڪامياب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

تنڊو غلام حيدر ۾ ڪشميرين سان اظهار يڪجهتي طور ريلي، ساڃاهه وندن پاران شرڪت

اسسٽنٽ ڪمشنر سڪندر علي مهيري پاران آفيس کان تائون ڪميٽي گيٽ تائين ريلي

نثار احمد عباسي، ڊاڪٽر نويد احمد زئور، بشيراحمد مغل، ارباب محمد خان ورياهه، ۽ ٻيا شريڪ

اسڪولي شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري پارٽ خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي

تنڊوغلام حيدر (رپورٽر) تنڊو غلام حيدر ۾ ڪشميرين سان اظهار يڪجهتي طور تنڊو غلام حيدر اسسٽنٽ ڪمشنر سڪندر علي مهيري پاران آفيس کان تائون ڪميٽي گيٽ تائين ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ ڊي ايس پي سيد انور حسين شاهه ،برائمري ٽي اي او ايس ڊي او ميمڻ، ٽي اي او هائيرسيڪنڊري نثار احمد عباسي، ڊاڪٽر نويد احمد زئور، بشيراحمد مغل، ارباب محمد خان ورياهه، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

جماعت اسلامي خيرپور نائن شاهه امير خالد لغاري پاران ريلي ڪڍي وئي

خيرپور نائن شاهه (رپورٽ:برڪت علي چانڊيو) جماعت اسلامي خيرپور نائن شاهه امير خالد لغاري ۽ ناظم اسدالله چانڊيو جي اڳواڻي ۾ جماعت اسلامي تعلقه آفيس کان يوم ڪشمير ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ جماعت جي سرگرم ڪارڪن، شهرين توڙي شاگردن پڻ شرڪت ڪئي، تفصيل موجب، جماعت اسلامي خيرپور نائن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

تنڊو غلام حيدر: ڪشميرين سان اظهار يڪجهتي طور ريلي ڪڍي پئي وڃي

وڳڙ پوليس طرفان چڙهائي ڪري قومي عوامي تحريڪ اڳواڻ جي گرفتاري خلاف احتجاج

ڪنپي تشدد ڪرڻ خلاف قومي عوامي تحريڪ جي سڌ تي فاضل راهو چوڪ تي ڌرٽو لڳايو ويو

عبدالغفار ميرجت، ڪامريڊ مجيب الرحمان چانڊيو، زاهد حيدر چانڊيو، سماجي اڳواڻن جي شرڪت

ايس ايچ او منظور چانڊيو خلاف ايف آئي آر داخل ڪري سندن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

وارهه (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) وارهه گذريل ڏينهن وڳڙ پوليس طرفان چڙهائي ڪري قومي عوامي تحريڪ جي ضلعي صدر علي اڪبر خاصخيلي کي ڪنپي تشدد ڪرڻ خلاف قومي عوامي تحريڪ جي سڌ تي فاضل راهو چوڪ تي ڌرٽو لڳايو ويو ڌرٽي ۾ شهرجي سياسي سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ عنايت الله لاشاري، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سجاديه ٽرسٽ ڪينيڊا طرفان 50 غريب ۽ مستحق جوڙن جي اجتماعي شادي

شادي جي تقريب جام شادي هال منياڻي ۽ ضلع نوشهروفيروز ۾ منعقد ڪئي ويئي

محمد يوسف حسيني، سيد علي نقي ڪاظمي، سيد اظهارالحسن ڪاظمي شريڪ ٿيا

شادين جي تقريب منعقد ڪرڻ غريب ۽ مستحق ماڻهن جي خوشين ۾ اضافو ڪرڻ آهي:اڳواڻ

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) سماج مان غربت ۽ گهٽي ڏاڻ ڏيڻ جهڙين فضول رسمن جي خاتمي،مذهبي رواداري ۽ سادگيءَ جي فروغ لاءِ ولادت باسعادت اميرالمومنين امام علي عليه السلام جي موقعي تي سجاديه ٽرسٽ ڪينيڊا طرفان 50 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم پاران پرويز مشرف جي وفات تي تعزيت جو اظهار

حيدرآباد (رپورٽ) پي ٽي آءِ جي مرڪزي اڳواڻ سابق وزير اعلي ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم جنرل پرويز مشرف جي وفات تي پوئنرن سان تعزيت ڪندي چيو آهي ته پرويز مشرف بهترين ايڊمنسٽريٽر سان گڏوگڏ رحم دل انسان هيو تعالي ڪيس جنت الفردوس جڳه ڏئي ۽ سندس پوئنرن کي صبر جي توفيق عطا فرمائي پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نوشهروفيروز: سجاديه ٽرسٽ طرفان 50 جوڙن جي اجتماعي شادين منعقد ڪيون ويون

استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو پاران ڪشميرين سان قومي يڪجهتي ريلي

پرنسيپال پروفيسر محمد عرفان ڪلهوڙي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي رستن جو گشت ڪيو ويو

فوج جي هٿان ڪشميرين تي ٿيندڙ ظلم ختم ڪرڻ لاءِ گڏيل قومون ڪردار ادا ڪن:مظاهرين

پارٽ جي ايل او سي خلاف پيچڪڙين ۽ سازشن جو منهن توڙ جواب ڏنو وڃي:پروفيسر سيد حب علي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو جي استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج طرفان ڪشميرين سان قومي يڪجهتي طور فيبروري تي ريلي ڪڍي ۽ ليڪچر پروگرام جي تقريب ڪري ڪشميرين سان ٻڌي جو اظهار ڪيو ريليءَ کي خطاب ڪندي پروفيسر محمد عرفان ڪلهوڙو پرنسپال استاد بخاري گورنمنٽ ڊگري ڪاليج دادو چيو ته ڪشمير پاڪستان جي شرگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

عالمي روحاني تحريڪ انجمن سرفروشان اسلام پاران حضرت علي ع جي جشن ولادت تي تقريب

جلوس مرڪزي دفتر انجمن سرفروشان اسلام دادو چاڪر ڪالوني نزد گلزار مسجد کان ڪڍيو ويو

اڳواڻن مرڪزي امير يونس جمال امير سنڌ فيصل قادري،حاجي ياسين، امير دادو ڪامران ملڪ شريڪ

آزادي ڪشمير جو بنيادي حق آهي. انشاء الله ڪشمير جلد آزاد ٿي پاڪستان جو حصو بڻجندو: اڳواڻ

دادو(رپورٽ:عزيزالله خاصخيلي) عالمي روحاني تحريڪ انجمن سرفروشان اسلام پاڪستان ضلعي دادو جي طرفان سالانه عظيم الشان جشن مولود ڪعبه حضرت امام علي عليه السلام جي ولادت باسعادت جو جلوس مرڪزي دفتر انجمن سرفروشان اسلام دادو چاڪر ڪالوني نزد گلزار مسجد کان ڪڍيو ويو جنهن ۾خصوصي شرڪت اڳواڻن مرڪزي امير يونس جمال امير سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

ولادت باسعات حضرت امام علي عليه سلام جي موقعي تي ٺاروشاهه ۾ ريلي

ٺاروشاهه (رپورٽ:راشد علي ميمڻ) 13رجب ولادت با سعات حضرت امام علي عليه سلام جي موقعي تي ٺاروشاهه پرسان مڄٽ هڪ عاليشان ريلي ڪڍي وئي ريلي مڄٽ جي ڳوٺ علي آباد کان نڪتي جنهن ۾ شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ۽ خوشي ۾ جهرين هيون ريلي شهر جي مختلف چوراهن کان ٿيندي امام شاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38

دادو: حضرت مولا علي ع جي جشن ولادت جي موقعي تي ريلي ڪڍي پئي وڃي

محرابپور پوليس ناڪام، شهري محفوظ ناهن، بدامني جو راڄ، احتجاجي مظاهرو

محبت علي ملڪ جي پائٽي محمد احمر ۽ سينيئر صحافي دودل خان جي اڳواڻي ۾ احتجاج

سرڪاري آفيسن، بازارن، شادي هالن جي ٻاهران موٽرسائيڪلون چوري ٿي رهيون آهن::مظاهرين

موٽرسائيڪل ايس ايچ او محرابپور مجيب الرحمان ناريجو واعدي موجب هٿ نه ڪرائي سگهيو

محرابپور (رپورٽ:مجاهد علي ساميٽيو) محرابپور پوليس ناڪام، شهري محفوظ ناهن، بدامني جو راڄ، صحافين جو احتجاج، محرابپور پريس ڪلب جي سينيئر محمد علي ملڪ، محبت علي ملڪ جي پائٽي محمد احمر ۽ سينيئر صحافي دودل خان نوح پوٽو جي عزيز اڪبر جي عدم بازياب، خلاف نوح پوٽو جي موٽرسائيڪل چوري، صحافين تنظيمن محمد سليم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 42

نئون ڪوٽ يوم ڪشمير تي ڪشميري عوام سان اظهار يڪجهتي لاءِ ريلي

ضلعي انتظاميا پاران ڊي سي منور علي منياڻي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي گشت ڪيو ويو

جماعت اسلامي پاران حافظ ن

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سوموار 06 فيبروري 2023ع

وفاق جي سنڌ جي ٻيٽن تي نظر

وفاق ۽ صوبن ۾ سدائين بدگمانيون صوبن جي وسيلن تي قبضي جي ڪري رهيون آهن. سدائين ننڍا صوبا اهي شڪايتون ڪندا رهيا آهن ته وفاق انهن جي وسيلن تي قبضو ڪري موٽ ۾ جائز حصو به مهيا نه ٿو ڪري جنهن ڪري انهن ننڍن صوبن جي وسيلن تي مخصوص علائقا ۽ مخصوص ماڻهوئي پلجي ۽ ترقي ڪندا رهيا آهن جڏهن ته انهن وسيلن جا ڏٿي سدائين ماني ڳچي لاءِ به پريشان رهيا آهن ۽ پسماندگي جڻ ته انهن جو مقدر بڻجي وئي آهي. سياسي ڏرين جي احتجاج،صوبائي حڪومتن جي دانهن ۽ آئين ۾ لکيل ضمانتن جي باوجود وفاق پنهنجو رويو تبديل نه ڪيو آهي. سياسي پارٽيون جڏهن مخالف ڏر ۾ هونديون آهن ته انهن کي صوبن جا حق ياد ايندا آهن پر جڏهن اهي ئي پارٽيون وفاق ۾ اقتدار ۾ ايندیون آهن ته انهن کان صوبن جا حق وسري ويندا آهن ۽ اهي به ڪوشش ڪنديون آهن ته ڪيئن به ڪري صوبن جي وسيلن تي قبضو ڪري وفاق جي مالي پوزيشن مضبوط ڪجي پر انهن کان اهو وسري ويندو آهي ته صوبا معاشي طور مستحڪم هوندا ته وفاق به مضبوط ٿيندو

پي ٽي آءِ جي اڳوڻي وفاقي حڪومت جڏهن هڪ آرڊيننس جاري ڪندي سنڌ جي ٻيٽن کي پنهنجي ملڪيت قرار ڏيندي اتي شهر اڏڻ جو اعلان ڪيو هو ته سجي سنڌ سراپا احتجاج بڻجي وئي هئي جنهن جي دٻاءُ سبب پ پ جي سنڌ حڪومت به وفاق جي اهڙي فيصلي جي مخالفت ڪئي ۽ پيٽ ڏيڻ کان هٿ کڻي وئي. جڏهن ته ان وقت جي وفاقي حڪومت اها دعويٰ ڪري رهي هئي ته اهو آرڊيننس سنڌ حڪومت جي اجازت ملڻ کان پوءِ جاري ڪيو ويو آهي.حقيقت ڪهڙي به هئي پر سنڌ جي عوام جي شديد ردعمل سبب وفاقي حڪومت کي انهي رٽا تان هٿ کڻڻو پيڻجي ويو ۽ اهي ٻيٽ سنڌ جي ملڪيت قرار ڏنا ويا جيڪي آئيني طور به سنڌ جي ملڪيت آهن پر وفاق اڃا تائين انهن ٻيٽن تي اڪ رڪيون ويلو آهي جنهن جو ثبوت اهو آهي ته ڪالهه جيڪا پارٽي مخالف ڏر ۾ هوندي سنڌ جي ٻيٽن تي وفاق جي قبضي جي ڪوشش جي مخالفت ڪري رهي هئي اها پاڻ جڏهن اقتدار ۾ آئي آهي ته ان سنڌ جي ٻيٽن تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪري ڇڏي آهي جنهن لاءِ قومي اسمبلي مان هڪ بل پاس ڪرايو ويو آهي جنهن سان انهن ٻيٽن توڙي سامونڊي حدن تي وفاقي حڪومت جو اختيار هلندو ۽ اها ڪنهن به وقت ڪهڙو به فيصلو ڪري سگهي ٿي. خبر آهي ته قومي اسمبلي ۾ بجاءِ جي وفاقي وزير خواجا آصف پاران ن ليگ جي علي زاهد پاڪستان ميري ٽائيم زونس بل 2022ع منظوري لاءِ پيش ڪيو. جنهن کي قومي اسمبلي منظور ڪري ورتو. بل مطابق ٻيٽن جي مالڪي ٻيهر وفاق حوالي ڪئي وئي آهي سامونڊي مصنوعي ٻيٽن تي اڪنامڪ زون ٺهندا بل مطابق سامونڊي علائقن سان لڳندڙ زون،خصوصي اڪنامڪ سامونڊي حدون وفاقي حڪومت طئي ڪري سگهندي. مصنوعي ٻيٽن، سامونڊي ٽرمينلز، ٻين اڏاوتن،اسٽرڪچر،اوزارن مينٽيننس آپريشنس جو اختيار وفاقي حڪومت حوالي هوندا. حڪومت کي اڪنامڪ زون جي توسيع جو به اختيار هوندو. ڪو به شخص يا ڪمپني ، غير ملڪي حڪومت وفاقي حڪومت جي اجازت سان خصوصي معاشي زونن جي ڪنهن به وسيلي کي تلاش يا ان جو فائدو حاصل ڪري سگهي ٿو. ڪا تحقيق، ڊرل يا مصنوعي ٻيٽن تي انفرا اسٽرڪچر تعمير ڪري سگهي ٿو ۽ ان کي هلائي سگهي ٿو.

اسان سمجهون ٿا ته انهي بل جي منظوري سنڌ سان ناانصافي آهي ۽ سنڌ مان چونڊيل نمائندن جي انهي تي خاموشي ۽ منظور ڪرڻ پنهنجي ووٽرن جي اعتماد کي ڇيهو رسائڻ آهي هن بل ۾ ڪٿي به سنڌ حڪومت جو ذڪر ناهي ته انهي جو ڪردار ڇا هوندو انهي جي اجازت ورتي ويندي يا نه؟ يا انهي کي صلاح مصلحت ۾ شامل ڪيو ويندو. اهو بل سراسر آئين جي خلاف ورزي آهي جيڪو 22 ناٽيڪل ميل تائين سامونڊي حدن کي صوبي جي ملڪيت قرار ڏئي ٿو. سنڌ جي ٻيٽن تي اهڙي قبضي کي سنڌ جي عوام نه اڳ قبول ڪيو هو نه ئي هاڻي ان کي قبول ڪندو. سياسي پارٽيون اپوزيشن ۽ حڪومت دوران پلي الڳ الڳ موقف رکن پر آئين ۽ عوام جو موقف ساڳيوئي آهي ته اهي ٻيٽ سنڌ جي ملڪيت هئا ۽ رهندا ۽ عوام اهڙي فيصلي کي ڪنهن به ريت قبول نه ڪندو.

بقايا 01 ***

جي پرڏيهي پاليسي اهم ٿيڻ رهندو. هن چيو ته پاڪستان والاريل ڪشمير ۽ پارٽي ظلمن تي خاموش ته ويهندو، پاڪستاني عوام پنهنجي ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن جي قربانين کي سلام پيش ڪري ٿو. پرڏيهي وزير چيو ته سنن ڏهاڪن کان پارٽي فوج ڪشميرين تي ظلم ڪري سندس حقن کان محروم ڪيو آهي. پارٽ کي والاريل ماڻري ۽ انساني حقن جو سنگين پڇڪڙيون ختم ڪرڻيون پونديون. هن چيو ته پيپلز پارٽي، جو بنياد ئي ڪشمير مسئلو تي رکيو ويو هو. قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو چيو هو ته ڪشمير مسئلي تي ننڍ ۾ به غلطي ٿو ڪري سگهي، شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو ڪشميري عوام سان ٻڌي جي اظهار لاءِ ڏهاڙو ملهائن جو فيصلو ڪيو. هن چيو ته پارٽ 5 آگسٽ 2019ع جي پنهنجي غيرقانوني ۽ هڪ طرفي فيصلي ذريعي والاريل ڪشمير جي ماڻهن کي دٻائن جو نئون باب کولي ڇڏيو آهي، پارٽي حڪمرانن چوند ڏکن جي تازي تڪبندي، غير ڪشميرين کي لکيون ڊومسائيل سرٽيفڪيٽس جاري ڪرڻ سان گڏوگڏ ووٽر لسٽن ۾ لکين غير ڪشميرين کي شامل ڪيو آهي، جنهن جو مقصد ڪشميرين کي سندن سرزمين تي ٻي اختيار اقليت ۾ تبديل ڪرڻ آهي. پرڏيهي وزير چيو ته ڪشميري مسلسل ڊب ۾ زندگي گهاري رهيا آهن ڇاڪاڻ ته پارٽي فورسز طرفان گهيراءُ ۽ تلاشي جي جڙتو ڪارروائيون دوران طاقت جو انڌاڌنڌ استعمال ۽ عدالت کان مٿانهين قتل جو سلسلو جاري آهن. ڪشميري غيرقانوني گرفتارين. تشدد ۽ ملڪيتون جي ضبط ڪرڻ جهڙن مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن هن ووٽ ڪيو چيو ته پارٽ آبادياتي ڍانچي ۾ ٽيرٽار سميت 5 آگسٽ 2019ع وارو هڪ طرفو ۽ غيرقانوني فيصلو واپس وٺي ۽ ڪشميرين تي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل نهرائن تي عمل ڪري.

بقايا 02 ***

بيماري هئي جنهن ۾ ڊاڪٽرن موجب جسر جا عضوا ڪر ٿا ڪندا آهن سفارتي ذريعن جو چوڻ آهي ته سومر تي پاڪستان مان سي ون ٽرٽي سندس لاش کڻڻ لاءِ ويندو جنهن ۾ سندس فيملي ميمبر به گڏ ايندا. هن سوگوارن ۾ زال صحبا مشرف، نياڻي عائلا ۽ پٽ بلال ڇڏيو آهي. پرويز مشرف 2016 کان دبئي ۾ رهندو هو جتي 2018ع ۾ هنڪي عجيب بيماري هجڻ جو انڪشاف ٿيو هو. اڳوڻو صدر پرويز مشرف 11 آگسٽ 1943ع تي دهلي ۾ پيدا ٿيو هو 79 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو.جنرل (ر) پرويز مشرف 7 آڪٽوبر 1998ع تي چيف آف آرمي اسٽاف جو عهدو سنڀاليو. 12 آڪٽوبر 1999ع تي هو اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف کي هنائي چيف ايگزيڪيوٽو مقرر ٿيو ۽ بعد ۾ ڪيس اپريل 2002 ۾ هڪ ريفرنڊم منعقد ڪرائي پاڪستان جو باقاعده صدر چونڊيو ويو 2004ع ۾ آئين ۾ 17هين ترميم ذريعي پرويز مشرف کي ووٽ ڪ 5 سالن لاءِ صدر چونڊيو ويو. پرويز مشرف 18 آگسٽ 2008ع تي پيپلز پارٽي جي حڪومت ۾ آصف علي زرداري پاران ڪهيرو تنگ ٿيڻ تي احتساب کان بچڻ لاءِ استعيفيٰ ڏئي ملڪ ڇڏي ويو هو. بعد ۾ مٿس آئين ٽوڙڻ جي ڏوهه ۾ بغاوت جو ڪيس داخل ڪيو ويو هو جنهن ۾ پشاور هائي ڪورٽ جي اڳوڻي چيف جسٽس وقار احمد سيٺ جي اڳواڻي ۾ جوڙيل خصوصي عدالت موت جي سزا ٻڌائي هئي. عدالت فيصلي ۾ لکيو هو ته عدالت سپريم ڪورٽ فورسز کي حڪم ڏي ڏي ته پڳوڙي پرويز مشرف کي گرفتار ڪري موت جي سزا ڏجي پر جيڪڏهن هو مئل حالت ۾ ملي ته سندس لاش کي پارليامينٽ جي ڊي چوڪ تي ايوان صدر ۽ سپريم ڪورٽ آڏو 3 ڏينهن ٽيساس تي ٽنگيو وڃي. ٽن ججن واري خصوصي عدالت جي هڪ جج اختلاف ڪيو هو پر ٻن ججن اڪثريتي فيصلو ڏنو هو. 2013 ۾ نواز شريف جي حڪومت مٿس بغاوت جو ڪيس داخل ڪرڻ جو اعلان ڪيو. 2014ع ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو ۽ سالن جي ٽرائل بعد 17 نومبر 2019 تي فيصلو ٻڌايو ويو. جنهن بعد فوج ان تي سخت رد عمل ظاهر ڪيو ۽ ان خصوصي عدالت جي جوڙجڪ کي چيلينج ڪيو ۽ اعليٰ عدالت ان خصوصي عدالت جي تشڪيل کي غير قانوني قرار ڏئي معاملو لٽڪي مٽ ڪيو هو ڪجهه عرصي بعد پشاور هائي ڪورٽ جي چيف جسٽس کي سيناريٽي باوجود اسٽيبلشمينٽ جي مخالفت سبب سپريم ڪورٽ ترقي ته ملي ۽ هو ڪورونا سبب مشڪوڪ حالت ۾ فوت ٿي ويو هو. پاڪستان جي تاريخ ۾ 4 پيرا مارشل لا هٿنڌڙ فوجي جرنيلن لاءِ هي عدالتي فيصلو وڏو ڏڇڪو ثابت ٿيو هو.

بقايا 03 ***

شهباز شريف چيو ته مودي 2019ع ۾ ڪشمير جي خاص حيثيت به ڪسي ورتي. 75 سالن ۾ ڪشمير ۾ لکين مسلمان شهيد ٿيا. وزيراعظم چيو ته جيڪڏهن مسلمان هڪجهڙائي سان ڪم ڪن ته اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن هر ناانصافي جو حساب ورتو ويندو هن چيو ته ڪشمير کي آزادي ڏيارڻي آهي ته معاشي طاقت به ضروري آهي. ان جي صفن ۾ اتحاد ۽ معاشي استحڪام اڻٽوٽ پوندو. شهباز شريف چيو ته ڪشميرين کي حق ڏيڻا آهن ته پاڪستان کي معاشي طور مضبوط ڪرڻ پوندو. اختلاف وساري ساڳئي اختيار ڪرڻ ۽ قربانيون ڏيڻ گهرجن. وزيراعظم چيو ته پٺو صاحب چيو هو ته گاهه ڪائيندا سين پر ڪشمير کي آزاد ڪرائيندا سين. ڪشميري پاڪستان ڏانهن ڏسي رهيا آهن. اسان کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. پنهنجي خطاب ۾ شهباز شريف چيو ته هن وقت ڪيترائي مالي چئلينج آهن. آءِ ايم ايف حساب ڪتاب ڪهي رهيو آهي. سندس وفد هڪ وقت هڪ شي، ڏسي رهيو آهن ته ڪن اڳ آزاد ڪشمير جي قانون ساز اسمبلي جي اجلاس جي موقعي تي وزيراعظم شهباز شريف کي گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو.

بقايا 04 ***

تي افسوس جو اظهار ڪيو. ٽويٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ چوڌري پرويز الاهي پرويز مشرف جي لاڳاپي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو هن مرحوم جي پوئتن سان ڏک جو اظهار ڪندي لکيو ته پاڪ فوج ۽ ملڪ لاءِ ڪيل خدمتن تي ڪيس سدائين ياد رکيو ويندو.

بقايا 05 ***

ڪندي جماعت اسلامي جي امير سراج الحق جو چوڻ هو ته ڪشميرجي آزادي تائين جدوجهد جاري رکڻ جو عزم اڄ پوري قوم ورجايو. مظلوم ڪشميري قوم ۾ سٺو سالن کان آزادي لاءِ تڙپي رهي آهي. هن چيو ته قابض پارٽي فوج هٿان روزانو سراسري طور تي ڪشميري نوجوان شهيد ٿي رهيا آهن. هن وقت تائين به لک ڪشميري شهيد ٿي چڪا آهن سندس چوڻ هو ته والاريل ڪشمير دنيا جو سڀ کان وڏو قيد خانو آهي. ڪشمير ماڻري ۽ نوڙ لک کان وڌيڪ پارٽي فوجون موجود آهي. هن چيو ته حڪومتن وٽ ڪشمير جي آزادي لاءِ ڪو منصوبو نه آهي. گڏيل قومن اداري ۽ سلامتي ڪائونسل جي ڪشمير جي حق ۽ نهرائن جي سڀ انڌا، گونگا، ٻوڙا آهن. سراج الحق چيو ته ملڪ جي حڪمرانن پنهنجو فرض ادا نه ڪيو. ڊب آهي ته انهن حڪمرانن جي هوندي سرينگر ڪانپور، مظفر آباد ۽ گلگت بلتستان به نه هئن مان نڪري وڃي.

بقايا 06 ***

ٽيبلون پيش ڪيون ويون جتي جوفل حسٽ گورنمنٽ ويلز ۽ گرلز اسڪول نمبر 2 ريس ڪلب جي ميئر بشرا خان ۽ سندس اسٽاف موجود هئا جتي ڪشميرين سان اظهار يڪجهتي ڪندي هڪ زبردست پروگرام منعقد ڪيو جنهن ۾ اسڪول جي شاگردن ۽ شاگردياڻين ٽيبلو ۽ تقريرون پيش ڪيون

بقايا 07 ***

منير سيڪيورٽي اسٽريٽجڪ معاملن تي برطانوي اخبارين سان خيالن جي ڏي وٺ ڪندو. جنرل عاصر منير کي برطانيا جي بچاءُ واري وزارت طرفان دوري جي دعوت ڏني وئي هئي. رپورٽس موجب جنرل عاصر منير جو دورو پنج ڏينهن تي آمر جنرل پرويز مشرف هي فاني جهان ڇڏي ويو جنرل پرويز مشرف 11 آگسٽ 1943ع تي هندستان جي راجڌاني دهلي شهر ۾ گولچا سينيما جي پويان واري علائقي "نهر والي" سڙڪ تي واقع رهندڙ مشرف الدين جي گهر ۾ جائو. مشرف الدين فارين سروس ۾ اڪاؤنٽنٽ جي حيثيت ۾ پنهنجي ڪيريئر جو آغاز ڪيو. مشرف الدين قيام پاڪستان وقت پنهنجي زال ۽ ٽن پٽن سميت پاڪستان هجرت ڪري آيو. قيام پاڪستان وقت صدر جنرل پرويز مشرف جي عمر صرف چار سال هئي. صدر جنرل پرويز مشرف جي ماءُ به هڪ ڪليل پڙهيل خاتون آهي. هوءَ دهليءَ جي هڪ اعليٰ تعليمي اداري مان لٽريچر ۽ ادب ۾ ماسٽرس جي ڊگري حاصل ڪري چڪي آهي. هوءَ ڪيترا سال ڪراچي ۾ انساني حقن واري تنظيم جي هڪ شعبي انٽرنيشنل ليبر آرگنائيزيشن سان وابسته رهي. جنرل پرويز مشرف ابتدائي تعليم ترڪيءَ جي شهر انقراهه ۾ حاصل ڪئي. ان کان علاوه ڪراچيءَ جي سينٽ پيٽرڪس اسڪول ۽ لاهور جي فارمين ڪرسچن اسڪول ۾ به پڙهيو 1961ع ۾ جنرل پرويز مشرف پاڪستان ملٽري اڪيڊمي ۾ شموليت ڪئي. 1964ع ۾ ايلائٽ آرٽيلري رجمينٽ ۾ ڪميشن حاصل ڪيائين. ان بيچ ۾ ليفٽيننٽ جنرل علي قلي خان بعد ٻئين پوزيشن جنرل مشرف حاصل ڪئي. 1965ع واري پاڪ ـ ڀارت جنگ دوران نوجوان آفيسر طور ڪيم ڪرن، سيالڪوٽ ۽ لاهور جي محاذن تي ويڙهه ۾ به حصو ورتائين، جتي هن هڪ خودڪار آرٽلري دستي جي ڪمان ڪئي. بعد ۾ هو پاڪستان جي هٿياربند فوج جي ڪمانڊو فورس (SSG) Special Services Group) ۾ شامل ٿي ويو. 1971ع جي جنگ ۾ به ڪمپني ڪمانڊر جي حيثيت ۾ هڪ ڪمانڊوز بٽالين جي قيادت ڪيائين. بعد ۾ انفينٽري برگيڊ ۽ آرٽلريءَ ۾ آرمڊ ڊويزن جي به ڪمانڊ ڪيائين. 1998ع ۾ وزيراعظم نواز شريف ۽ چيف آف آرمي اسٽاف جنرل جهانگير ڪرامت درميان اختلافن بعد جڏهن جنرل جهانگير ڪرامت رٽائرمينٽ ورتي ته ليفٽيننٽ جنرل پرويز مشرف ڪي 7 آڪٽوبر 998ع تي ڪجهه سينيئر ليفٽيننٽ جنرل ڪي Supersede ڪري فل جنرل جي رينڪ تي ترقي ڏئي چيف آف آرمي اسٽاف ٿايو ويو وزيراعظم نواز شريف هن ڪي 9 اپريل 1999ع ۾ ڀي چيئرمين جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽي جي اضافي چارج به ڏني. جنرل پرويز مشرف 28 ڊسمبر 1968ع ۾ جڏهن ميجر جي رينڪ تي فائز هو، تڏهن صهبا نالي چوڪري سان ارينج ميرج ڪئي، جنهن مان ڪيس به پارٽيا. انهن مان هڪ ڌيءَ عائشه جيڪا آرڪيٽڪٽ جي شعبي سان وابسته آهي ۽ ڪراچي ۾ رهي ٿي، ٻيو پٽ بلال جيڪو آمريڪي رياست بوسٽن ۾ رهي ٿو. جنرل پرويز مشرف جا ٻيا به پائرجاويد ۽ ڊاڪٽر نويد اتلي ۽ آمريڪا ۾ رهن ٿا. جاويد اتلي جي شهر روم ۾ انٽرنيشنل فنڊ فار ايگريڪلچر ڊولپمينٽ ۾ ايڪانمسٽ جي عهدي تي فائز آهي، جڏهن ته ڊاڪٽر جاويد آمريڪي رياست اينائز ۾ هڪ فلپائني خاتون سان شادي ڪري بزنس سان وابسته آهي. 12 آڪٽوبر جي ڪارروائي: 3 فيبروري 1997ع وارين چونڊن ۾ "ياري مينڊيٽ" ڪٽي جيئن ٿي ميان نواز شريف وزير اعظم ٿيو ته، ان "ياري مينڊيٽ" ميان صاحب کي غرور ۾ آڻي ڇڏيو سڀ کان ڀهريائين وزيراعظم نواز شريف حزب اختلاف خلاف ڪارروائيون ڪندي پنهنجي رائيٽ هينڊ منسٽر سيف الرحمان هٿان احتساب سيل جوڙائي قائد حزب اختلاف بينظير ڀٽو ۽ مخالف ڏر جي ٻين اڳواڻن خلاف مختلف ڪيس داخل ڪرائي انتقامي ڪارروائيءَ جو آغاز ڪيو. حزب اختلاف کي سوڙهو ڪرڻ بعد وزير اعظم نواز شريف پارليامينٽ جي بالادستي تي وار ڪندي ڪئين بل بحث کان سوا چند لمحن ۾ پاس ڪرايا. ان سان گڏ اهو حڪم به صادر ڪيائين ته مسلم ليگ جو جيڪو ميمبر ڪومتي بل جي مخالفت ڪندو اهو پارليامينٽ جي رڪنيت کان الڳ ڪيو ويندو ۽ ٿي ٻئي طريقي سان پارٽيءَ اندر هڪ آمريت مڙهي وئي. پارليامينٽ بعد هن ملڪ جي اعليٰ عدالتن ۽ ملڪ جي صدر سان مهاڏو اٽڪايو. جنهن جي نتيجي ۾ صدر فاروق لغاري ۽ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي چيف جسٽس سيد سجاد علي شاهه کي پنهنجا عهدا ڇڏڻا پيا. پنهنجي ان غرور جو رخ هاڻي ميان نواز شريف پاڪستان جي هٿياربند فوج ڏانهن تبديل ڪيو. چيف آف آرمي اسٽاف جنرل جهانگير ڪرامت پاران ملڪ جي نظام تي نظرداري خاطر سيڪيورٽي ڪائونسل جي قيام واري راءِ کي وزيراعظم ميان نواز شريف حڪومتي معاملن ۾ مداخلت سمجهندي چيف آف آرمي اسٽاف جنرل جهانگير ڪرامت کي ايٽرو سوڙهو ڪيو جو جنرل جهانگير ڪرامت، وزيراعظم سان مهاڏو اٽڪائڻ بجاءِ قبل ازوقت رٽائرمينٽ وٺي چيف آف آرمي اسٽاف جو عهدو ڇڏي ڏنو. وزيراعظم نواز شريف پنهنجي صوابديدگيءَ جا آئيني اختيار استعمال ڪندي پاڪستان جي هٿياربند فوج ۾ War) Strategy) طور اهميت جوڳي ڪور ون منگلا جي ڪور ڪمانڊر ليفٽيننٽ جنرل پرويز مشرف کي سينيئر ليفٽيننٽ جنرلن رحمدل پٽي، ليفٽيننٽ جنرل علي قلي خان ۽ ليفٽيننٽ جنرل خالد نواز کي Supersede ڪندي فل جنرل جي رينڪ تي ترقي ڏئي ڪيس نئون چيف آف آرمي اسٽاف بڻايو. چون ٿا ته، شروعاتي ڪجهه وقت ته وزيراعظم ۽ چيف آف آرمي اسٽاف جا تعلقات بهتر رهيا، پر جڏهن ڪارگل ۽ دراس واري محاذ تي مبينه طور پاڪستان ۽ هندستان جي فوجن درميان جهڙپون بعد آمريڪي صدر بل ڪلنٽن جي مداخلت بعد ٽيل جنگ بندي ۽ محاذ تان فوجن جي واپسي تان وزيراعظم نواز شريف ۽ چيف آف آرمي اسٽاف جنرل پرويز مشرف درميان اختلافن جو آغاز شروع ٿيو ڪارگل واقعي ۾ پاڪستان جي هٿياربند فوج جي ٽيندڙ جاني نقصان ته ڏنو وڃي. ان سلسلي ۾ سنڌ جو چيف ايگزيڪيوٽو سيد غوث علي شاهه، انسپيڪٽر جنرل پوليس سنڌ رانا مقبول ۽ ڊي آءِ جي ڪراچي اڪبر آرائين کي حڪم ڪيو ويو ته زبردستي لهڻ جي صورت ۾ جنرل مشرف کي گرفتار ڪيو وڃي. سنڌ ۾ ڪراچي جو متبادل ايئر پورٽ نوابشاهه آهي، اتي به ايس ايس پي نوابشاهه احسان اگوندل کي چيو ويو ته جنرل مشرف کي ايئرپورٽ تان ٻاهر نه ڇڏيو وڃي. پاڪستان جي هٿيار بند فوج اهڙي طريقي سان پنهنجي چيف جي برطرفي کي پنهنجي توهين سمجهندي تحرڪ ۾ اچي وئي. جي ايچ ڪيو ۽ ليفٽيننٽ جنرل عزيز خان ۽ 10 ڪور جو ڪور ڪمانڊر ليفٽيننٽ جنرل محمود صورتحال سنڀاليندي ڪراچي جي ڪور ڪمانڊر ليفٽيننٽ جنرل مظفر عثماني جنرل مشرف جي جهاز جي سلامتي سان ڪراچي ايئر پورٽ تي لينڊنگ بابت طئي ڪري ورتو. اهڙي طرح جنرل عثماني ۽ جنرل آفيسرڪمانڊنگ جي او سي ڪراچي ميجر جنرل افتخار مليز چانوٽي مان هٿياربند فوج جي يونٽن کي (Move Order) جاري ڪندي ڪراچي ايئرپورٽ کي ڪنٽرول ۾ وٺي ڇڏيو. جهاز جي پائلٽ جنرل مشرف کي سجي صورتحال کان آگاهه ڪيو ۽ جڏهن پائلٽ کي ڪنٽرول تاور ذريعي خبر پهتي وئي ته ڪراچي ايئر پورٽ کي هٿياربند فوج ڪنٽرول ڪري چڪي آهي ته پائلٽ ڪنٽرول تاور ذريعي جنرل مشرف جو رابطو جي او سي ڪراچي ميجر جنرل افتخار ملڪ سان ڪرايو. انهن درميان جيڪا گفتگو ٿي، سا هيٺيئن ريت آهي. جنرل مشرف: مان چيف آف آرمي اسٽاف ٿو ڳالهايان. جنرل افتخار: سر مان جنرل افتخار ٿو ڳالهايان. جنرل مشرف: افتخار! عثماني ڪٿي آهي؟جنرل افتخار: سر! جنرل عثماني وي آءِ پي لائونج ۾ آهن، هو گيٽ تي اوهان جا منتظر هوندا. جنرل مشرف: ڇا مسئلو آهي؟ جنرل افتخار: سر به ڪلاڪ اڳ اوهان کي رٽائر ڪري جنرل ضياءِ کي چيف مقرر ڪيو ويو آهي، ۽ اوهان جي جهاز لاءِ رن وي جا رستا بند ڪيا ويا، پر اسان حالتن تي ڪنٽرول ڪري ورتو آهي، اوهان هاڻي رن وي تي لهي سگهو ٿا. جنرل مشرف: افتخار! اوهان جي وڏي مهرباني، محمود ۽ عزيز کي چئو ته ڪير به ملڪ ڇڏي نه وڃي جنرل افتخار: رائيٽ سر اسين اوهان جو انتظار ڪري رهيا آهيون. يئن جنرل مشرف خلاف اڳوڻي وزير اعظم پاران ڪيل پلاننگ کي عملي روپ نه ملي سگهيس ۽ هڪ پيرو وري ملڪ مٿان فوجي راج مڙهيو ويو ۽ ٻئي طرف نواز شريف کي ڪجهه جنرلن وزيراعظم هائوس مان گرفتار ڪري اٽڪ قلعي پهچائي ڇڏيو ۽ جنرل مشرف ملڪ جو چيف ايگزيڪيٽو بڻجي ويو. سنڌس دور اقتدار ۾ بينظير ڀٽو صاحبه، نواب اڪبر بگٽي سميت ڪيترن جي شهادتن جا الزام آهن . اج هو طاقتور آمر آخر هي فاني جهان ڇڏي هليو ويو.

بقايا 08 ***

پنهنجي قربانين جي ذريعي ڪشمير مسئلي کي زنده رکيو آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پارٽ جو ظلم ۽ جبر ڪشميرين جي مذاحمت جي جذبي کي ختم نٿو ڪري سگهي. هن چيو ته مودي سرڪار پارٽي آئين جي آرٽيڪل 370 کي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري والاريل وادي کي دنيا جي سڀ کان وڏي جيل ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي، 9 لک پارٽي فوج وادي جي عوام جي زندگي عذاب ڪري ڇڏي آهي سنڌ جي سڄا واري صوبائي وزير چيو ته مودي جو اهو هڪ پرائو خواب ۽ ايجنڊا هو، جنهن تي عمل ڪري هن آر ايس ايس ۽ هندو انتها پسندن کي خوش ڪيو آهي. هن چيو ته ڪشمير مسئلي تي پاڪستاني قور جو اصولي ۽ تاريخي موقف آهي، جنهن تي قائد اعظم کان وٺي اج تائين پاڪستاني قوم ۽ جمون ڪشمير جا مسلمان قائم آهن. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪشمير مسئلي جو حل پاڪستان پيپلز پارٽي جي منشور جو اولين نقطو آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه پنهنجي ڪشميري ڀائرن، پينرن جي جدوجهد ۾ سندن اخلاقي ۽ سفارتي مدد ڪئي آهي. هن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري عالمي سطح تي مودي جو بدصورت چهرو بي نقاب ڪري ڇڏيو آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي گڏيل قومن جي قراردادن موجب والاريل ڪشمير جي آزادي تائين ڪشميرين جي حمايت جاري رکندي.

بقايا 09 ***

سروس مطابق غيرقانوني طور تي نظرنند ڪل جماعتي حريت ڪانفرنس جي چيئرمين مسرت عالم بٽ نئين دهلي جي تهاڙ جيل مان پنهنجي هڪ پيغام ۾ چيو ته ڪشميري عوام ڪشمير ڪاز جي بي مثال اخلاقي سياسي ۽ سفارتي حمايت ڪرڻ تي پاڪستاني عوام جا ٿوراڻا آهيون هن چيو ته جنهن نموني پاڪستان ڪشمير سان ايڪتا ڏيکاري آهي ڪشميرين ۾ حق خودارادیت جي جدوجهد جاري رکڻ جي جذبي ۾ نئون روح ڦوڪي ڇڏيو آهي تهاڙ جيل ۾ ٿي نظرنند ڪل جماعتي حريت ڪانفرنس جي سينيئر آڳواڻ شبير احمد شاهه به ان موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ ڪشمير ڪاز لاءِ پاڪستان جي ڪردار کي ساراهيندي چيو ته پاڪستان هميشه ڪشميري عوام جي آسادي واري جدوجهد کي علاقائي ۽ پرڏيهي سطح تي هر ممڪن مدد فراهم ڪئي آهي جيل ۾ نظرنند ڪشميري عورت آڳواڻ سيده آسيه اندرابي پاڪستاني عوام لاءِ امن خوسالي ۽ معاشي استحڪام جي دعا ڪندي چيو ته سياسي طور تي مستحڪم ۽ معاشي طور تي مضبوط پاڪستان ئي ڪشميرين جي آزادي جي جدوجهد جي ڪاميابي جو ضامن آهي.

بقايا 10 ***

تي افسوس جو اظهار ڪيو. صدر عارف علوي پرويز مشرف لاءِ مغفرت ۽ مرحوم جي گهرياتين جي لاءِ صبر جميل جي دعا پڻ ڪئي آنڪاسراءِ وزيراعظم شهباز شريف پرويز مشرف جي وفات تي تعزيت جو اظهار ڪيو. پنهنجي بيان ۾ وزيراعظم مرحوم جي گهرياتين سان تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو ۽ صبر جميل جي دعا پڻ ڪئي. اڳوڻي وزيراعظم ۽ پاڪستان مسلم ليگ ن جي سربراه نواز شريف اڳوڻي صدر جنرل (ر) پرويز مشرف جي لاڌاڻي تي افسوس جو اظهار ڪيو.

بقايا 11 ***

عوام سان ڪيل واعدن جي پاسداري ڪري والاريل ڪشميرجي صورتحال 5 آگسٽ 2019 جي پارٽي غيرقانوني قدمن کان پوءِ بدترين ٿي چڪي آهي هندستان جي غيرقانوني ۽ هڪ طرفي قدمن کي ڪشميري عوام رد ڪري ڇڏيو هندستاني قدم عالمي قانونن جي پڇڙيءَ آهن اهڙن خيالن جو اظهار هن آجر ڏينهن بلاول هائوس جي ميڊيا سيل ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو. ان موقعي تي پيپلز پارٽي سنڌ جو جنرل سيڪريٽري سينيٽر وقار مهدي. ڪراچي ڊويزن جو جنرل سيڪريٽري جاويد ناگوري. ايم ڪيو ايم مان پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيندڙ اڳوڻو قومي اسمبليءَ جو ميمبر سهيل منصور. فيضان راوت، ضلعي سينٽرل جي دل محمد ۽ شهزاد مجيد پڻ موجود هئا. سعيد غني چيو ته اڄ سڄي ملڪ ۾ ڪشميرين سان يڪجهتي جي اظهار جو ڏينهن ملهايو پيو وڃي. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري ڪشميرجي مسئلي کي عالمي سطح تي اجاگر ڪري رهيو آهي. هن چيو ته اڄ خواجه سهيل منصور جنهن جو تعلق ايم ڪيو ايم سان آهي ۽ ايم ڪيو ايم جي ٽڪيت تي به پيرا قومي اسمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ ڪراچي جي واپاري برادري سان تعلق رکندڙ آل پاڪستان ريسٽورنٽ ايسوسي ايشن جو اڳواڻ فيضان راوت پ پ ۾ شامل ٿي رهيا آهن. هن چيو ته مان ٻنهي صاحبن کي پارٽي ۾ پليڪار ڪريان ٿو. ان موقعي تي وقار مهدي چيو ته مان ٻنهي ساٿين کي پ پ طرفان پارٽي ۾ پليڪار ڪريان ٿو. هن چيو ته اسان جي هنن ٻنهي صاحبن کي علاج دوران 2 کان 3 ڀيٽ اسڪين جي ضرورت پوندي آهي. هن چيو ته جناح اسپتال ۾ پيٽ اسڪين ۽ سائڪلو

بقايا سنڌيار 01

جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو جنهن ۾ استادن ، شاگردن ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن شرڪت ڪئي تفصيل موجب. خيرپورناٿن شاهه جي برائٽ هاءِ اسڪول ۾ ڪشمير جو ڏهاڙو هيڊماسٽر الهورايو ڪوسو جي اڳواڻي ۾ وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو جنهن ۾ استادن ، شاگردن ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڪشمير ۽ پاڪستان جا جهنڊا ڦڙڪايا ۽ ريلي ڪڍي وئي ان موقعي تي هيڊماسٽر الهورايو ڪوسو ، عبدالرزاق پهر ، اشتياق حسين گاڏهي ، سيد عاشق حسين شاهه ، الهرڪيو ڪوسو، ضمير احمد ملاح ، قادربخش ڪنهر ، راجا بجاج ۽ پين خطاب ڪندي چيو ته ڪشمير پاڪستان جي ساه رڳ آهي پارت جي بربريت ۽ ظلم جي مذمت ڪجي ٿي ڪشميري پائرن جي اخلاقي مدد جاري رکبي هنن ڪڏيل قومن کان مطالبو ڪيو ته اقوام متحد ۾ پاس ٿيل قرارداد مطابق آزادي ڏني وڃي.

بقايا سنڌيار 02

امن ميلي ۾ پاڪستان مان گهوڙن جي شوقينن جي شرڪت، ڪجي توڙي پڪي جي ماڻهن تنريح به ڪئي، خبرموجب سرحد پرسان فتح پور ۾ پ پ اڳواڻ مير احسان خان سندراڻي، مير حمزه خان سندراڻي، مير نويد خان سندراڻي پاران سورهون ساليانو امن ميلو ڪرايو ويو جنهن ۾ صوبائي صلاحڪار سردار بنگل خان مهر، سردار منظور خان پنهور، محمد خان جوڻيجو، ايم اين اي رياض خان مزاري، اظهر خان لغاري، مير شفقت خان جڪراڻي، جازيب خان ڊومڪي، نثار خان ڪوسو، چنگيز خان پنهور، مير وحيد خان رند، رئيس عبدالسبحان ساوند، چيف احمد علي ملڪ، احسان عارباڻي، اويس خان سندراڻي، تميز خان، سعود خان سندراڻي سميت هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي امن ميلي ۾ مختلف جوڙن جي گهوڙن ۾ ڊوڙ جا مقابلا ڪرايا ويا، ڊوڙ جي مقابلن ۾ پهرين جوڙ ۾ مير منظور خان پنهور جي گهوڙي پهرين پوزيشن حاصل ڪري ميلي کي لٽي ورتو. جڏهن ته ٻئي جوڙ ۾ مير احسان خان جي گهوڙي سوپ حاصل ڪئي حاصل ڪئي ۽ ٽين جوڙ ۾ مير حمزه خان سندراڻي جي گهوڙي ڊوڙ جو مقابلو ڪٽي ورتو امن ميلي ۾ پوري پاڪستان کان هزارين گهوڙن جا شوقين پهتل هئا جڏهن ته ٽي سئو کان وڌيڪ گهوڙن ڊوڙ ۾ حصو ورتو، ان کان علاوه امن ميلي ۾ ڪجي توڙي پڪي ۽ علاقي جي ماڻهن وڏي اڻڪ ۾ شرڪت ڪري تنريح پڻ حاصل ڪئي. امن ميلي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي مير احسان خان سندراڻي جو چوڻ هو ته گهٽ ۽ بوسٽ واري ماحول ۾ امن ميلو ڪرائي گهوڙن جي ڊوڙ ڪرائڻ سان ماڻهن کي تفريح ملندي گهوڙن جو شوق اسانجي ثقافت جو حصو آهي اڄ به گهوڙن جي شوق کي هٿي وٺرائڻ جي ضرورت آهي

بقايا سنڌيار 03

سندس اباڻي گوٺ محمد ابراهيم ڪيڙانو ۾ ٽيو ان موقعي تي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ عبدالقادر رانٽو، مرڪزي جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار، علي محمد پرويز، امير حمز ڪيڙانو، راحيل پٽو، الطاف راهوجو، حسين آزاد ميمڻ، غلام علي زئو، مٺا خان لاشاري، عزيز ميمڻ، گهنور خان زئور ۽ پين خطاب ڪندي چيو ته ماما عارب ڪيڙانو رسول بخش پليجي ۽ شهيد فاضل راهو سان گڏجي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڪ ۾ وڃي سنڌي ماڻهن کي سچائي ڪري ڪين جدوجهد جي ميدان ۾ آندو هو پنهنجي ساه جي آخري گهڙين تائين فڪر رسول بخش پليجو سان ثابت قدم رهيو سنڌ جي مظلوم ۽ پورهيت طبقي لاءِ جدوجهد ڪرڻ، سنڌ جي عورتن کي باشعور بڻائڻ ۾ ماما عارب ڪيڙانو جو تمام وڏو حصو رهيو آهي هوايو آر ڊي تحريڪ، سنڌ جون زمينون نيلام بند ڪريو تحريڪ، ووٽر لسٽون سنڌي ۾ ڇپرايو ۽ پين ڪيترين ٻئي جدوجهدن ۾ اڳيرو رهيو

بقايا سنڌيار 04

ويا، ڏؤ جي ٽيڪسي اسٽاپ تي 3 ڪلاڪن تائين احتجاجي ڌرڻو، ڏؤ، حيدرآباد ٽريفڪ معطل، پ پ ايم پي اي سيد شاه حسين شاه شيرازي پاران يڪجهتي طور ڌرڻي ۾ شرڪت. ڏؤ ۾ بدامني جي وڌندڙ واردات ۽ منشيات جي وڌندڙ زهر خلاف شهرين، واپارين ۽ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن رشيد آزاد، سڪندر ميمڻ، سائين اسلم سومرو، حافظ اعجاز سومرو، علي رضا ميمڻ، عثمان سومرو ۽ پين جي اڳواڻي ۾ سوين ماڻهن ٽيڪسي اسٽاپ تي احتجاجي ڌرڻو هنيو، جنهن سبب ڏؤ، بلورو وايا ٻنون حيدرآباد روڊ تي ڪلاڪن تائين بند رهيو. جڏهن ته يڪجهتي طور حد جو چونديل پ پ ايم پي اي سيد شاه حسين شاه شيرازي لڳل احتجاجي ڌرڻي ۾ شريڪ ٿيو. چونديل ايم پي اي ڏؤ پوليس جي ايس ايچ او تي سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. ان موقعي تي شهرين ۽ سياسي سماجي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڏؤ پوليس بدامني ۽ منشيات تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ مڪمل طور تي ناڪام وئي آهي، عوام عدم تحفظ جو شڪار آهي. ڏوهاري ٽولا سري عام واردات ڪري رهيا آهن. بدامني تي ضابطو نه آيو ته ايس ايس پي آفيس سڄاول آڏو احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو.

بقايا سنڌيار 05

گهرن تي چڙهائي ڪري نوجوان کي ڪنهي گر ڪرڻ خلاف نئون ڪوٽ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو انصاف جي گهر نئون ڪوٽ پرسان يوسي فضل پنيرو جي گوٺ سائين بخش سومرو جي رهواسين انور سومرو معذور منور سومرو عورت ذوليخان سومرو معصوم پارڙن سميت نئون ڪوٽ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي الزام هنيو آهي ته نفيس نگر پوليس جي انچارج گلزار ٽنگڙي ۽ وڃوٽو پوليس جي ايس ايچ او ملڪ مشتاق اسان خلاف رڻ ٻاري ڏنو آهي هنن چيو ته صبح ڏهه وڳي پوليس ۽ گوٺ پڌريو سومرا جا رهواسي جمعون سومرو غلام حسين سومرو خدابخش سومرو بلا جواز گهرن تي چڙهائي ڪري گهر جي نوجوان ربڏنو سومرو تي تشدد ڪري عورتن معصوم پارڙن تي تشدد ڪري ربڏنو سومرو کي ڪنهي گر ڪري چڏيو آهي اجان تائين ڪٿي به ظاهر نه ڪيو آهي هنن چيو ته اسان کي خدشو آهي ته پوليس بااثرن جي چرچ تي قتل نه ڪري چڏي هنن چيو ته پوليس گهرن مان 4 پڪريون گهر جو سمورو الهو تلهو بهاري وئي آهي هنن چيو ته وڃوٽو پوليس بااثرن جي چوڻ تي چوري جو الزام هٿي بلا جواز ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو هو اڄ وري گهرن تي چڙهائي ڪري اسان جو نوجوان ڪنهي گر ڪيو ويو آهي هنن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي ميرپورخاص ايس ايس پي ميرپورخاص ايس ايس پي ٽرپارڪر کي اپيل ڪئي آهي ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 06

آزادي لاءِ وڪيل برادري ، سياسي سماجي اڳواڻن سميت عمراڻي، جمالي ، ميمڻ، اڄڻ ، لهر سنجراڻي برادري ۽ شهرين طرفان رستم موڙ کان پريس ڪلب تائين پر امن احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ،احتجاجي مظاهري ۾ خطاب ڪندي وڪيل اظهر ميمڻ، بابل عمراڻي، رفيق سڌايو، ڪاشف اڄڻ، اسد الله سومرو، صدام حسين وڏيو، شاهنواز جمالي، ميان اظهر سنجراڻي، استاد ميهر علي لهر ۽ پين چيو ته 5 اڳ ڊيڪب آباد ۾ وڪيل شفقت عمراڻي جي پيٽ صنم عمراڻي جو گهر اندر لاش هٿ آيو هو ، هنن الزام هڻندي چيو ته شفقت عمراڻي مٿان سندس جي پيٽ صنم عمراڻي جي قتل جو ڪيس سرڪار جي فرياد تي ويڳي پائرن ملڪيت ڦاٽڻ جي چڪر ۾ داخل ڪرايو آهي. هنن چيو ته شفقت عمراڻي بي گناه آهي، انڪي قتل جي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسايو ويو آهي، جڏهن ته 5 سال گذرڻ باوجود ڪيس نه ٽوهلايو وڃي هنن وڌيڪ چيو ته ڪيس هلائي جاچ مڪمل ڪئي وڃي جيئن خبر پئجي سگهي ته اصل قاتل ڪير آهن ، شفقت عمراڻي بي گناه قيد ڪاٽي رهيو آهي، هنن سپريم ڪورٽ آف پاڪستان، سنڌ هاءِ ڪورٽ سميت اعلي اختارين کان گهر ڪئي ته واقعي جي صاف شفاف جاچ ڪرائي اصل قاتلن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي.

بقايا سنڌيار 07

لاءِ آيل سامان تقسيم ڪيو ويو خبر موجب ضلع نوشهروفيروز جي گونمينٽ مدرسه هاءِ اسڪول جي گراؤنڊ ۾ سهارا عظيم فائونڊيشن طرفان سردي کان بچاءَ لاءِ برسات متاثرين مستحق مردن، عورتن ۽ ٻارڙن ۾ ڪمبل، لوئيون، سوئيون ٻوٽ، جراب ۽ ٻيو سامان ورهايو ويو، ان موقعي تي سهارا عظيم فائونڊيشن جي سي او ماجد عظيم ڪونڊر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان انسانيت جو فرض نيائيندي ضلع نوشهروفيروز ۽ آس پاس جي مختلف علاقن ۾ برسات متاثرين مستحق ماڻهن ۾ سردي جي حوالي سان سامان تقسيم ڪيو آهي ۽ انشاءَ الله اڳتي به برسات سبب متاثر مستحق ماڻهن جي هر ممڪن مدد ڪندا رهنداسين هي سامان سهارا عظيم فائونڊيشن جي سي او ماجد عظيم ڪونڊر، روزاني حق سچ اخبار جي ايڊيٽر قاضي سارنگ صاحب، نوشهروفيروز جي سينيئر صحافي ضمير حسين لنڊ، سينيئر صحافي پرويز حسين پنڊ ۽ فقير صابر رند جي نگراني ۾ سامان ورهايو ويو

بقايا سنڌيار 08

ايگزيڪٽو ڊاڪٽر سيد نديم قمر جو پيٽيو سيد شبير علي شاهه هاتف ، 83 ورهين جي جمار ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو آهي سندس جنازي نماز ڪراچي علاقي سي وي ۾ اڄ صبح 10 وڳي اداڪئي ويندي جنهن ڪانپوڙ سندس مڙهه کي سندس اباڻي قبرستان مقبرو شريف ڪٽر لڳ تندومحمدخان آندو ويندو جتي سندس تدفين ڪئي ويندي سيد شبير شاهه هاتف پنهنجي پڻيان هڪ گهرواري 3 پٽ ۽ 2 نياڻيون سوڳوار طور چڏيا آهن سيد شبير شاهه هاتف سنڌ جي پهرين صف جو شاعر هو

بقايا سنڌيار 09

شيخ جي اڳواڻي ۾ هڪ گڏجاڻي ڪوئاڻي وئي، ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سيد عمار حسين، ڊي ايچ او ڊاڪٽر اسدالله ڪلهوڙو، ڊي اي او حزب الله ڪوريجو ۽ ضلعي جي سيني ڪاتن جي آفيسرن ۽ ملازمن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي هڪ منٽ جي خاموشي پڻ اختيار ڪئي وئي. ان بعد ڊپٽي ڪمشنر آفيس کان پريس ڪلب تائين هڪ ريلي ڪڍي وئي. ريلي جي پڇاڻي تي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته اسين سڀ شهري اڄ اهو واعدو ورجائي رهيا آهيون ته اسين دنيا جي هر فورم تي پنهنجي ڪشميري پائرن سان گڏ آهيون. اسين پنهنجي ڪشميري پائرن تي پارتي فوج پاران ٽيندڙ ظلمن جي سخت مذمت ڪريون ٿا ۽ گڏيل قومن جي اداري کان اهو مطالبو ڪريون ٿا ته پارت پاران ڪشميري مسلمانن تي ظلم فوري طور بند ڪيا وڃن. ۽ ڪشمير جي عوام کي گڏيل قومن جي اداري پاران پاس ڪيل قرارداد مطابق پنهنجي مرضي سان جيئڻ جو حق ڏنو وڃي ۽ اسان اها اميد ڪريون ٿا ته اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن ڪشميري عوام کي آزادي جو حق حاصل ٿيندو.

بقايا سنڌيار 10

ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ هڪ منٽ جي خاموشي اختيار ڪرڻ بعد ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ سول سوسائٽي جي ماڻهن کان علاوه مختلف سرڪاري ڪاتن جي آفيسرن ۽ ملازمن شرڪت ڪئي، ريلي جي پڇاڻي واري موقعي تي خطاب ڪندي چيو ته ريلي جي پڇاڻي واري هنڌ کان ريلي ڪڍي وئي انهي موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر لٽو شاهد نذير بلوچ چيو ته اسان اڄ اهو عهد ڪري رهيا آهيون ته هر فورم تي پنهنجي ڪشميري پائرن سان گڏ آهيون.

بقايا سنڌيار 11

ڪئي ان موقعي تي تعلقه ايجوڪيشن آفيسر ڏنوومحمدخان راجا نثار ميمڻ ، تعلقه ايجوڪيشن آفيسر سيد امجد شاهه ، اسسٽنٽ مختيار ڪار قاضي توقير ، ريونيوايمپلائيز يونين جي ضلعي صدر پير فيصل جان سرهندي ، پ ٽ ايف اڳواڻ شاهنواز مهر ، عارف قريشي ، سوشل ويلفيئر ڊپارٽمنٽ جي آفيسر نعيم احمد سومرو ۽ پين چيو ته ڪشمير تي پارتي حڪومت جو ناجائز قبضو اقوام متحده جي منظور ڪيل ٺهراڻ جي ڪلي خلاف ورزي آهي 7 ڏهاڪا گذرڻ باوجود والاريل ڪشمير جو تڪرار حل نه ٿي سگهيو آهي، والاريل ڪشمير ۾ بيگناهن جي قتل عام، ٻارڙن تي پيلٽ فائرنگ، تشدد سميت پارتي ظلم اڃا تائين جاري آهي ۽ ڪشميري پنهنجي همت ۽ بهادري سان حق خود ارادڀت حاصل ڪرڻ لاءِ مسلسل ڪوشش ۾ آهن هن چيو ته پارتي فوج ظالماڻي طريقي سان هزارين بيگناهه ڪشميرين کي بي رحماڻي تشدد ۽ غيرقانوني حراست دوران قتل ڪري رهي آهي هن چيو ته هر سال 5 فيبروري تي ملهائيندڙ يوم يڪجهتي ڪشمير ڪشميرين کي پارتي تسلط خلاف ۽ حق خود ارادڀت لاءِ عزم کي وڌيڪ مضبوط ڪري ٿو هنن چيو ته هن سال به اسان پنهنجي ڪشميري پائرن سان گڏ پرپور انداز ۾ يڪجهتي جو اظهار ڪنداسين. 1990 ع ۾ جڏهن هٿين خالي ڪشميرين تي ظلم ۽ بربريت جا پهاڙ ڪيرايا ويا ته پاڪستان عالمي برادري کي باور ڪرايو ته ڪشمير مسئلي جي حوالي سان توهان پاڪستان ۽ ڪشميرين سان هڪ واعدو ڪيو هو، جيڪو اڄان تائين وفا نه ٿي سگهيو، والاريل ڄمون ۽ ڪشمير ۾ عالمي سطح تي هڪ تسليم ٿيل تڪراري علاقو آهي ۽ سلامتي ڪائونسل جون ڪيترين ئي قراردادون ان حوالي سان موجود آهن ڪشميرين سان واعدو ڪيو ويو هو ته گڏيل قومن جي سرپرستي ۾ انهن کي فيصلي جو اختيار ڏنو ويندو ۽ انهن جي راءِ جو احترام ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 12

ته 13 رجب جي جشن جا ڪافي ليڊيز پروگرام پڻ مختلف محلن جي گهرن ۾ شيعان حدر ڪرار طرفان ملهايا ويا.جشن مولود ڪعبه جي سلسلي ۾ روايتي مرڪزي جلوس شام جي وقت زوار ممتاز علي سيٺار ،واحد بخش ٺهيم،مجاهد علي سمون جي اڳواڻيءَ ۾ امام بارگاه مظلوم ڪربلا نئون ديرو مان برآمد ڪيو ويو، جيڪو شهر جي مقرر ڪيل رستن کان ٿيندو ڪلم چؤڪ تي پهتو جتي قصيده خوان حضرات امير ڪائنات جي شان ۾ قصيده خواني ڪئي، ۽ خطيب ولايت مولوي فيض محمد عباسي خطاب ڪيو جلسي کان بعد جلوس واپس امام بارگاه مظلوم ڪربلا ۾ اختتام پزير ٿيو جتي لنگر نياز تقسيم ڪيو ويندوجلسو جي سيڪيورٽي جا انتظام مختار فورس نئون ديرو سرانجام ڏنا..

بقايا سنڌيار 13

روينيو، ضلعي جي سرڪاري غيرسرڪاري تنظمين ، اين جي اوز ، ميڊيا، اقليتن ۽ سول سوسائٽي جي هر طبقي وڏي اڻڪ ۾ شرڪت ڪئي. ريلي کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان جيو ته ڪشميرين جي جدوجهد کي سرخ سلام پيش ڪرڻ لاءِ اڄوڪو ڏينهن ملهايو پيو وڃي هن چيو ته گذريل 75 سالن کان انڊيا ڪشمير تي ناجائز قبضو ڪيو آهي ۽ اقوام متحده جي ڪرارداد کي مسلسل نظر انداز ڪيو پيو وڃي ڪشميرن تي انڊين آرمي پاران جيڪو ظلم ٿي رهيو آهي اها سراسر هيومن رائٽس جي لٽاڙ آهي. هيومن رائٽس ڪميشن کي ان جو سختي سان نوٽيس وٺڻ گهرجي، ڪشمير جو عوام سالن کان وٺي ظلم برداشت ڪري رهيو آهي سالن کان هلندڙ ظلم بند ڪيو وڃي. هي هڪ قومي ڪاز آهي ۽ ڪشمير اسان جي شهه رڳ آهي جنهن جي آزادي لاءِ اسان هر وقت تيار آهيون هن چيو ته انشاءَ الله هڪ ڏينهن ڪشمير ضرور آزاد ٿيندو ۽ پارت جي ناپاڪ ارادن کي ڪڏهن به ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين. ان سلسلي ۾ بدين جي عوام جو جوش ۽ جذبو قابل ديد آهي ۽ ڪشميري پائرن سان هر وقت گڏ آهي هن چيو ته اسان پنهنجن پارڙن کي به ڪشميرين جي جدوجهد کان آگاه ڪريون ۽ انڊيا جي ظلم بابت پڻ آگاهي ڏيون ريلي ۾ ڪشمير جي شهيدن لاءِ پڻ دعائون ڪيون ويون

بقايا سنڌيار 14

احمد ملاقات ڪئي ملاقات ۾ ڊينڪليريا ايسوسيئيشن 2023 جي ايندڙ چونڊن ۽ خاص ڪري اسٽيٽ بزنس نه هجڻ بابت بزنس ڪميونٽي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ڊينڪليريا جي اليڪشن 2023 ۾ پروگريسو پاور الائنس جي صدارتي اميدوار نور احمد ابڙيجو جي ڪاميابي لاءِ پڻ دعائون گهريون ويون ۽ ان موقعي تي نور احمد ابڙيجو صاحب جي بروڪرز ڪميونٽي لاءِ پرپور خدمتون ۽ سهڪار کي پاڻ سارا هيو ويو

بقايا سنڌيار 15

وئي، ريلي ۾ ڪندن مالهي، سروپ ساڌواڻي، نهچل گوماڻي، ڪملش موتيرام ، سريش لڪواڻي، جئه پرڪاش لوهاڻو، تيرٿ مالهي، امن گوماڻي، هاشم هنگورجو، روشن ميگهواڙ، لالا لجيت درزي سميت وڏي تعداد ۾ شهرين شرڪت ڪئي، ڪشميرن سان پارتي جارحيت نامنظور، ڪشمير بني گا پاڪستان ۽ پاڪستان زنده باده جا نعرا هڻي ڪشميري پائرن سان يڪجهتي ڪئي وئي، ريلي کي ٽرايڪشن فورم جي چيئرمين ۽ پ پ پ اڳواڻ ڪامريڊ نندلال مالهي خطاب ڪندي چيو ته تاريخي طور ته ڪشمير هڪ رياست ۽ وطن رهيو آهي، آزادي ڪشميرين جو بنيادي ۽ ڪائناتي حق آهي، ڪشمير ته پارتي جارحيت، قبضي ۽ ظلم جي سخت لنڊن ۾ مذمت ڪيون ٿا، ڪشميرين تي پارتي جارحيت ڪنهن به صورت ۾ برداشت جوڳو ناهي، هن چيو ته ڪشميرين کي اقوام متحده جي سلامتي ڪائونسل جي قرارداد موجب حق خود ارادڀت ڏني وڃي، جيستائين ڪشميرن سان ظلم بند نه ٿيندو، تيستائين ڪشميرين جي حمايت هر حالت ۾ جاري رهندي. ريلي کي واپاري اڳواڻ شاملداس لوهاڻو ۽ سورن سنگهه پڻ خطاب ڪيو. ريلي جي اختتام تي مودي جي پتلي کي باهه ڏئي ساڙيو ويو.

بقايا سنڌيار 16

ناڪا بندي ڪندي دودا پڪٽ پر سان ڪاروائي ڪري تنوير احمد کي هرڪجي اغوا ٿيڻ کان بچائي ورتو

بقايا سنڌيار 17

جي ڪرڪشن،اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ، سوئي گئس جي هٿرادو بحران، ميونسپل ڪاميٽي، روينيو پبلڪ هيلٿ، ٽريزري آفيس، سبزي منڊي جي مارڪيٽ ڪاميٽي هٿرادو ريٽ مقرر سميت دادو ضلعي جي سرڪاري ادارن ۾ ڪرڪشن خلاف ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي مظاهرين مجيب پنهور سڪندر پنهور ايڊووڪيٽ حبيب لغاري ڊاڪٽر عزيز لغاري،ڊاڪٽر جبار پهر ۽ پين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب دادو اڳيان علامتي بک هڙتال ڪري چيف جسٽس آف پاڪستان، نيب چيئرمين، اينٽي ڪرڪشن کان مطالبو ڪيو ته دادو ضلعي مان هر مهينيءَ ادارن ۾ مبينا اربين روپين جي ٽيندڙ ڪرڪشن جي شفاف جاچ ڪري ڊي سي دادو ۽ ادارن جي آفيسرن کي هٽائي ضلعي جي چئن ئي تعلقن جي اندر ايماندار آفيسر مقرر ڪري دادو جي عوام سان انصاف ڪيو پي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا سنڌيار 18

قريشي صوبائي جنرل سيڪريٽري مخدوم محمد اعظم معاون صدر مشتاق احمد سومرو صوبائي معاون جنرل سيڪريٽري طارق حسين منگي سميت صوبه سنڌ جي عهديدارن خلڦ ڪرام سميت برانچن جي عهديدارن شرڪت ڪئي حلف برداري تقريب جو باقاعده آغاز قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪيو ويو ۽ آيل مهمانن ۽ خلفاءِ ڪرام کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ پارايا ويا ۽ گلن جا هار پارايا ويا حلف برداري تقريب ۾ سمورين برانچن جي عهديدارن کي جماعت اصلاح المسلمين زون جي صدر مولانا ربنواز چنڙ حلف ڪٿايو حلف برداري تقريب ۾ خليفه ڊاڪٽر وحيد الدين ميمڻ پاران صحت ۽ تندرستي بابت ليڪچر ڏنو ويو برانچ نوشهرو فيروز ۽ مليائي کي بهترين ڪارڪردگي تي مجتا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا حلف برداري تقريب کي خطاب ڪندي صوبائي صدر قاضي مشهود احمد قريشي علي محمد سومرو برانچ مليائي جي صدر منصور احمد چڪتائي ۽ پين خطاب ڪندي چيو ته دين اسلام امن پائيچاري سان رهڻ جو سبق ڏئي ٿو پاڙيوارن سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ گهرجي جماعت اصلاح المسلمين جا عهديدار ۽ ميمبر پنهنجي مرشد جي ڏسيل واٽ تي هلن هڪ ٻئي جو سات ڏين هڪٻئي سان گڏجي پنهنجا توڙي اوڙي پاڙي وارن جا مسئلا حل ڪن پنهنجو ۽ پنهنجي گهر پاتين جي صحت جو خاص خيال رکن گهرجي

بقايا سنڌيار 19

محبوب نوٽڪاڻي، ٽائون ڪميٽي ملازمن سميت اسڪولي شاگردن وڏي اڻڪ ۾ شرڪت ڪري پارت خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر سڪندر علي مهيري صحافيون سان ڳالهائيندي چيو ته ڪشميرين تي پارتي فوج پاران ٽيندڙ ظلم انتهائي افسوس جوڳو عمل آهي ۽ پارت پاران ڪشمير جي خاص حيثيت ختم ڪئي وئي آهي، پارتي ظلمن سان مظلوم ڪشميرين جا حوصلا گهٽائي نه ٿا سگهجن هن چيو ته پارت پنهنجي ظلم ۽ ڏاڍ جي زور تي مظلوم ڪشميرين تي ناجائز بربريت ڪري ڪشميري پائرن کي ظلم جو نشانو بڻايو پيو وڃي، هن وڌيڪ چيو ته ڪشميرين سان هندستان جو ظلم بند ڪرائي قابض فوج کي ڪشمير مان نيڪالي ڏئي ڪين حق خود ارادڀت جو موقعو ڏنو وڃي ۽ پاڪ فوج جون ملڪ لاءِ قربانيون وسارڻ جوڳيون ناهن ۽ اسان پاڪ فوج سان هر وقت گڏ آهيون.

بقايا سنڌيار 20

پرنسپال سر منير احمد قريشي، سينيئر سيڪشن هيڊ مس زهرا جاڪرو، مس مريم شاهزيب سر اياز جماري، مس مهرو شا ۽ سمورن استادن ۽ شاگردن تقريرون ڪيون ۽ ٽيبلو پيش تقريب ۾ موزما، زائره، عليشا، زين، فارس سلمان، سليمان، ڪرن، مصباح، رمشا پنڪي، مسڪان ۽ پين حصو ورتو

بقايا سنڌيار 21

شاهه امير خالد لغاري ۽ ناظم اسدالله چانڊيو جي اڳواڻي ۾ جماعت اسلامي تعلقه آفيس کان يوم ڪشمير ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ جماعت جي سرگرم ڪارڪنن، شهرين توڙي شاگردن پڻ شرڪت ڪئي. جماعت اسلامي آفيس کان ريلي ڪڍي شهر جي مين اسٽاپ تائين ''ڪشمير بڻبر پاڪستان، ڪشميري مسلمانن تي ظلم بند ڪيو'' جا اڀ ڏارينڊڙ نعرا هنيا ويا. ريلي کي خطاب ڪندي ناظم جماعت اسلامي اسدالله چانڊيو چيو ته مودي سرڪاري فاشزم جا سڀ ليکا لٽاڙي چڏيا آهن. ڪافي عرصي کان وٺي، مسلمانن نوجوانن، توڙي پوڙهن پڪن کي بيگناه شهيد ڪيو پيو وڃي، اڄ ڪشميرين جي يوم يڪجهتي ڏينهن جي حوالي سان گڏيل قومن جي تنظيم کان پرزور مطالبو ٿا ڪيون ته ڪشمير کي آزاد ڪيو وڃي، انهن سان ٽيندڙ ظلم جو پارت کان ازالو ورتو وڃي ۽ ڪشميرين تي ظلم بند ڪيو وڃي. ريلي کي خطاب ڪندي خالد لغاري چيو ته مودي سرڪار انسانيت جون حدون اورانگهيون آهن. جيڪي ڪنهن به عالمي تنظيمن کي نظر نه پيون اچن، ڪشميري مسلمانن جو ظلم کي منهن ڏيڻ روز جو معمول بڻجي ويو آهي. ڪشميري عوام سان يوم يڪجهتي جي ڏينهن جي حوالي سان گڏيل قومن جي تنظيمن ۽ مسلمان ملڪن جي تنظيمن کان مطالبو ٿا ڪيون ته خدارا انسانيت ناتي ڪشميرين سان ظلم بند ڪيو وڃي، ڪشمير کي پاڪستان جي رياست جو درجو ڏنو وڃي.

بقايا سنڌيار 22

ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي، جنهن بعد ريلي جلسي ۾ تبديل ٿي وئي، ريلي ۾ ضلعي جي سوين ماڻهن شرڪت ڪئي. ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن پلي ڪارڊ ڪنيل هٿا جن تي نعرا لکيل هٿا ڪشمير جي آزادي تائين جنگ جاري رهندي، پارت جي ظالم تائين جنگ جاري رهندي،جماعت اسلامي سنڌ جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري عبدالقدوس احمداڻي، بدين ضلعي جي امير سيدعلي مردان شاه چيو ته ڪشمير اسان جي شه رڳ دشمن جي قبضي ۾ آهي، اسان ان شه رڳ کي به آزاد ڪرائڻ چاهيون ٿا، جماعت اسلامي سنڌ جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري عبدالقدوس احمداڻي وڌيڪ چيو ته ڪشمير دشمن جي قبضي ۾ آهي، رياستي جبر ۽ تشدد ذريعي ڪشميرين کي سندن حقن کان محروم نٿو ڪري سگهجي، ڪشميري عوام جي جدوجهد ۾ اڪيلو نه آهن، جماعت اسلامي ضلعي بدين جي امير سيد علي مردان شاه چيو آهي ته ڪشميري مجاهد پاڪستان جي بقا جي جنگ وڙهي رهيا آهن، هڪ ڏينهن ڪشمير پاڪستان جو حصو ضرور بڻجندو ان موقعي تي الله بچايو هاليپوٽو. فتح خان ڪوسو علي گل جڪسي محمد موسيٰ ملاح ۽ پين اڳواڻن خطاب ڪيو

بقايا سنڌيار 23

ملوٽ چاٽايل جوابدار ڊيلر نارو ٺاڪر لنڊاڻو اسٽاپ وٽان گلاب لغاري پوليس هٿان گرفتار پوليس موجب گرفتار جوابدار روزانو لڪين روپين جي منشيات وڪرو ڪرايي ٿو ايس ايس پي بدين جي سخت هدايتن تي ڪارواڀي ڪري ڪين گرفتار ڪرڻ بعد سندس جي قبضي مان 1000 گهٽڪر مين پڙيون برآمد ٿيون جڏهن ته گلاب لغاري ٽائي تي سرڪار جي فرياد تي منشيات ايڪٽ تحت چاٽايل جوابدار مٿان ڪيس داخل ڪري جيل موڪلي چڏيو آهي

بقايا سنڌيار 24

پائرن سان اظهار يڪجهتي تحت مختلف ريليون ڪڍي وئيون تفصيل موجب آج ضلعي ڪشمور ايٽ ڪنڊڪوٽ ۾ ضلعي انتظاميه ۽ لاڳاپيل ادارن پاران ڪشميري پائرن سان اظهار يڪجهتي ڪرڻ لاءِ ڊپٽي ڪمشنر منور علي مليائي جي سربراهي هيٺ ڊپٽي ڪمشنر آفيس کان گهٽتا گهر تائين ريلي ڪڍي وئي . ريلي ۾ شريڪ ٽيندڙ ماڻهن بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي ڪشمير ٽيندو پاڪستان .پاڪستان زنده باد ، پاڪ فوج زنده باد ۽ پارت پاران ڪشميري پائرن سان